سيف الرحمن

على

أعداء القرآن

تاليف

مفتيِ أعظمِ پاکستان

أستاذُ العلماء، عمدةُ الفقهاء، حضرت علامه مفتي

محمد صاحبداد خان جمالي قدس سره العزيز

سابق شيخُ الحديث جامعه راشديه پير جوگوٹ

تحقيق وتسهيل

أستاذُ العلما [illegible] مفتي

[illegible]ور نبي سكندري

ناشر



سَيفُ الرحمٰن

عَلٰى

أعداءِ القرآن

تاليف

مُفتيءِ اعظمِ پاڪستان

أستاذ العلماء، عمدة الفقهاء حضرت علامه مفتي

محمد صاحبداد خان جمالي قدس سره العزيز

سابق شيخ الحديث جامعه راشديه پيرجو گوٺ

تحقيق وتسهيل

أستاذ العلماء حضرت علامه مفتي

نور نبي سڪندري

ناشر



كتاب جو نالو

سيف الرحمٰن علىٰ اعداء القرآن

مصنف

مفتي محمد صاحبداد خان جمالي رحمه الله

سابق شيخ الحديث جامعہ راشديہ پير جو ڳوٺ

تحقيق

مفتي نورنبي سڪندري

سن اشاعت پهريون : آگسٽ ٢٠٢٠ع/١٤٤٢ھ

ڪمپوزنگ

عرفان علي ڪنير / سائينداد مٺل خاصخيلي

تعداد : ١٠٠٠ هڪ هزار

قيمت : ٥٠٠ رپيا

ناشر

دارالعلوم صبغة الهدىٰ، شاهپور چاڪر

فهرست

پيش لفظ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمد لله رب العالمين والصلاة والسلام علىٰ سيد المرسلين و علىٰ آله و صحبه اجمعين

اما بعد:

سنڌ واسين تي مخفي نہ آهي تہ سنڌُ اندر بدمذهبن جي خلاف ڪمَ ۾ حضرت شير مصطفيٰ سلطان الواعظين عليہ الرحمة کي هڪ اعليٰ مقام حاصل هيو۔ گذريل اڌ صدي اندر ان هستي جيترو ڪم ڪري ڏيکاريو۔ ايترو ڪم شايد جماعتون ۽ تنظيمون نہ ڪري سگهن ها.

شاهپورچاڪر کي هي اعزاز حاصل آهي هتان حضرت مفتي عبدالرحيم سڪندري عليہ الرحمة سڄي سنڌ ۾ ڪنهن بہ فتني خلاف سڀ کان پهريان ۽ اثرائتو آواز اٿاريندا هيا.

اڄ ان ئي سنت ۽ طريقي کي زندهہ رکندي ۽ ان اوليت ۽ سبقت کي قائم رکندي اڄ کان تقريباً هڪ صدي (97 سال) پهريان رافضيت ۽ شيعت خلاف لکيل هڪ ناياب ۽ قيمتي ڪتاب عوام اهلسنت جي سامهون پيش ڪري رهيا آهيون ۔ هن ڪتاب کي شايع ڪري سنڌ اندر اهلسنت و جماعت پاران هڪ نئين باب جو اضافو ڪيو پيو

وڃي ۽ هڪ نئين سلسلي جو بنياد رکيو پيو وڃي جنهن تحت رافضيت ۽ شيعت خلاف علمي ۽ تاريخي ڪم ڪيو ويندو، هي ڪتاب ان جي پهرين ڪَڙِي آهي ۽ هميشہ وانگر شاهپورچاڪر کي اهو شرف حاصل ٿي رهيو آهي جو عالمن جي سرواڻ، محقق، مصنف، مدرس، مفتي، محرر ۽ مدقق عالم دين مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد خان جمالي عليہ الرحمة جي ڪتابن جي تقريباً هڪ صدي کان بعد اشاعت جو سهرو بہ سڀ کان اول شير مصطفيٰ سلطان الواعظين عليہ الرحمة جي اداري جي مٿي تي سجي رهيو آهي.

هي هڪ تاريخي ۽ علمي ڪتاب آهي جنهن جا ڪل ٽي باب آهن.

پهريون باب

اسلام جي تاجدارن صحابہ ڪرام بابت شيعن جا ڪفريہ عقيدا.

باب ٻيو

قرآن شريف جي دشمني تي ئي شيعہ مذهب جو بنياد آهي.

باب ٽيون

شيعن جا مختصر عقيدا ۽ مسئلا.

هن ڪتاب جي تحقيق ۽ تسهيل جو ڪم حضرت علامہ مفتي نور نبي سڪندري دامت برڪاتہ جن فرمايو آهي، جن وڏي عرق ريزي سان ڪتاب جا پروف پڙهيا ٻولي جي سنوارت ڪئي ۽ حوالن جي پيتا ڪري اطمئنان ڪيو.

باري تعاليٰ کان دعا آهي تہ هن ڪتاب کي سيني جي لاءِ ڪارآمد بڻائي.

آمين



مفتي حق النبي سكندري أزهري

21-8-2020

مختصر تعارفِ مؤلف

علم ادب، فقه، حديث، سيرت، تاريخ ۽ سمورن اسلامن علمن جو بادشاهه عالمِ دين حضرت علامه مفتي محمد صاحبداد خان جمالي عليه الرحمة.

ولادت:

سندن ولادت 14 اپريل سن 1898 عيسوي بمطابق 1316 هجري بمقام ڳوٺ لوٽي ضلع سبي بلوچستان ۾ ٿي.

ولادت پاڪ هڪ نيڪ صالح شخص جي بشارت کان پوءِ ٿي پنهنجي والد گرامي کي وڏي عمر ۾ ڄاوا هئا، فقير جي بشارت مطابق سندن ساڄي ڪُلهي تي خاص نشاني هئي ۽ ان فقير جي اها ڳالهه سچ ثابت ٿي ته اهو فرزند پنهنجي علم ۽ فيض جي ڪري دنيا ۾ نامور ٿيندو.

تعليم تربيت ۽ اساتذه ڪرام:

قرآن پاڪ جي ابتدائي تعليم حضرت سيد خواجه محمد شاهه ڪاظمي عليه الرحمة وٽ سبي بلوچستان ۾ حاصل ڪيائون. اڳتي فارسي عربي جي تعليم سنڌ ۽ بلوچستان جي مدرسن ۾ حاصل ڪندا رهيا، اعليٰ ديني تعليم اچي مدرسه هاشميه قاسميه ڳڙهي

ياسين ۾ استاذ الاساتذه، عمدة الفقهاء راس الصلحاء حضرت علامہ محمد قاسم ڳڙهي ياسيني وٽ اچي مڪمل ڪيائون ۽ ڪين سنَدِ فراغت ۽ اجازت پڻ صاحب تڪبير علامہ محمد قاسم ڳڙهي ياسيني ڪان حاصل ٿي.

مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد خان جمالي عليہ الرحمة پنهنجي شاگرد حضرت شير مصطفيٰ عليہ الرحمة کي جيڪا پنهنجي استادي سلسلي جي سنَد لکرائي هئي ان مطابق مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد خان عليہ الرحمة جي مڪمل استادي سلسلي ۽ سمورن فنن جي تفصيلي سنَد هن فقير هٿ ڪري بيروت مان شايع ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي.

سندن اساتذه ڪرام ۾ صاحب تڪبير حضرت علامہ محمد قاسم ڳڙهي ياسيني جهڙي هستي جو نالو مبارڪ سڀ ڪان مٿانهون آهي.

سنڌ ۾ آمد:

سن 1340 هجري ڏاري ضلعي شڪارپور لڳ سلطان ڪوٽ ۾ رهائش اختيار ڪيائون ۽ حضرت علامہ عبدالباقي همايوني عليہ الرحمة جي سرپرستي ۾ تصنيف و تاليف، تدريس و تبليغ ۽ افتاء جو سلسلو شروع ڪيائون.

ديني مذهبي صحافتي خدمت:

سندن ديني خدمتن جو باب وسيع آهي، جنهن مان هتي ديني صحافتي خدمت ڏانهن اشارو ڪجي ٿو.

پاڻ ماهوار الهمايون رسالو جاري فرمايائون جيڪو ان وقت سڄي سنڌ ۾ اهلسنت و جماعت جو اڪيلو ترجمان هيو ۽ هڪ ئي وقت ۾ گهڻن محاذن تي جهاد جو فريضو سر انجام ڏئي رهيو هيو.

جيڪڏهن فقط "الهمايون جا سنڌ ۾ تبليغي ۽ ديني اثر" تي هڪ نه ڪئي پي ايچ ڊيون ڪرائجن ته به گهٽ آهي.

هن رسالي ۾ ان وقت جا اڪابر مفتيان ڪرام ۽ محقق عالم لکندا هيا.

الهمايون سنڌ اندر وهابي تحريڪ جي خلاف سڀ کان پهريون علمبردار ۽ مفتي اعظم پاڪستان ان جا روح روان هيا.

ان کان بعد الاسلام نالي رسالو به آب و تاب سان جاري رکندا آيا.

سنڌ جي مذهبي ديني صحافت ۾ مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد جمالي عليه الرحمة تمام گهڻو ڪردار ادا ڪيو ۽ ان وقت جي سمورن فتنن جو سدِ باب ڪيو.

سنڌ ۾ بدمذهبن خلاف ڪم:

سنڌ ۾ ديوبندَ جا اثر پوڻ شروع ٿيا هئا جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جا چند مولوي، سوادِ اعظم اهلسنت و جماعت جي معمولات ۽ طريقي کان برگشته ٿيا، انهن وهابي خيال فرقي جا سرڪرده مولوي تاج محمد امروٽي وغيره هيا ۽ سوادِ اعظم اهلسنت و جماعت جي طرفان همايوني مڪتبہ فڪر جي سرواڻي ۾ حضرت خواجہ محمد حسن جان سرهندي ۽ مفتي اعظم پاڪستان مفتي محمد صاحبداد خان جمالي جا نالا سرِفهرست آهن.

پاڻ هڪ ئي وقت ۾ شُڌي تحريڪ، نيچريت، قاديانيت، رفض و تشيع ۽ ديوبنديت وهابيت خلاف سنڌ اندر هڪ مؤثر تبليغي ۽ تحريري ڪم ڪيائون. جيڪڏهن ايئن چئجي تہ سنڌ ۾ ديوبنديت خلاف سڀ کان اول اول جنهن عالم ڪم ڪري ان فرقي کي وائکو ڪيو اهو مفتي محمد صاحبداد خان جمالي عليہ الرحمة هيا تہ وڌاءُ نہ چئبو بلڪ اها حقيقت آهي.

ديوبنديت خلاف سندن ان علمي مشن کي سندن شاگردن جاري رکيو جن ۾ شيرِ مصطفيٰ سلطان الواعظين حضرت مفتي عبدالرحيم سڪندري رحمة الله عليہ جو نالو سرِفهرست رهندو.

ان وقت مفتي صاحبداد خان صاحب سنڌ جي سادن سودن مسلمانن کي رافضيت ۽ وهابيت جي فتني کان آگاهه ڪرڻ لاءِ ڪيئي ڪتاب لکيا جن جو نتيجو چئجي ته اڄ سنڌ ۾ عوام اهلسنت ۾ پنهنجي ۽ پرائي کي سڃاڻڻ جي شعور واري اک موجود آهي، اسان جا مسلمان سڃاڻ رکن ٿا ته فلاڻي فرقي جا فلاڻا عقيدا آهن.

ان شعوري ڪيفيت جي پويان پوري هڪ مسلسل جدوجهد ۽ تسلسل آهي جنهن جو سرواڻ حضرت مفتي محمد صاحبداد خان جمالي عليه الرحمة هيو.

تصانيف:

سندن تصنيفن جا هتي فقط نالا ذڪر ڪجن ٿا، جن تي نظر ڪرڻ سان هي واضح ٿي ويندو ته ان وقت جڏهن وسائل ۽ سهولتن جي گهڻتائي هئي اهڙي ڏکي وقت ۾ مفتي محمد صاحبداد خان جمالي عليه الرحمة ڪيترو وڏو ڪم اڪيلي سر ڪري ڏيکاريو.

﴿1﴾ السيف المسلول عليٰ اعداءِ الرسول (ردِ شيعه).

﴿2﴾ مطالبه حق (ردِ ويدڪ ڌرم ۽ آريه مذهب).

﴿3﴾ نصرت الحق (ردِ آريه مذهب).

﴿4﴾ سيف الرحمٰن عليٰ اعداءِ القرآن (ردِ رفض و تشيع).

﴿5﴾ البلاغ المبین (ردِ وھابیت).

﴿6﴾ الحق الصریح (ردِ وھابیت).

﴿7﴾ الصارم المسلول علیٰ اعداءِ القرآن و آل الرسول (ردِ رفض و تشیع).

﴿8﴾ رسالہ روئداد مناظرہ نبي شاہ وگڑ (ردِ رفض و تشیع).

﴿9﴾ الصارم الرباني علیٰ کرشن قادیاني (ردِ قادیانیت).

﴿10﴾ وھابي شفاعت جامنکر آھن (ردِ وھابیت).

﴿11﴾ گستاخ وھابیت متعلق جواب (ردِ وھابیت).

﴿12﴾ رسالہ عشرۃ کاملة (ردِ رفض و تشیع).

﴿13﴾ اخلاق النبي ﷺ (سیرت).

﴿14﴾ سماع موتیٰ (ردِ وھابیت).

﴿15﴾ التوسل بسید الرسل (ردِ وھابیت).

﴿16﴾ جوازِ عرس و میلاد (ردِ وھابیت).

﴿17﴾ جوازِ تعین تاریخ عرس و میلاد (ردِ وھابیت).

﴿18﴾ القول السداد (فقہ).

﴿19﴾ رسالہ مسئلہ تعداد ازواج (فقہ).

﴿20﴾ القول المقبول (فقہ).

﴿21﴾ الهام القدير (عقيدو).

﴿22﴾ سبيل النجاح (فقہ).

﴿23﴾ القول الانور (ردِ وهابيت).

﴿24﴾ العلم بالتلقيح (فقہ).

﴿25﴾ عقائد نامہ اهلسنت (عقيدو).

جامعہ راشديہ ۾ آمد:

بحر السخا، عالي مرتبت، فيض درجت، مخزن الخير والبركات اعليٰ حضرت پير سائين سيد شاهہ مردان شاهہ ڇٽ ڌڻي قدس سره العزيز جي حڪم تحت ڪين استاد العلماء علامہ محمد صالح مهر ڪراچي ڪان جامعہ راشديہ وٽي آيا، جتي پاڻ رهي ڪري عالمن جي هڪ وڏي جماعت تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا جن عالمن جي جماعت سڄي سنڌ کي پنهنجي علم فضل سان واسي ڇڏيو ۽ ان جا سنڌ تي تمام گهڻا علمي تحقيقي اثرات مرتب ٿيا.

نامور شاگرد:

﴿1﴾ بقية السلف، شيخ الحديث حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري (شيخ الحديث جامعہ راشديہ).

﴿2﴾ شير مصطفيٰ سلطان الواعظين حضرت علامہ مفتي عبدالرحيم سڪندري عليہ الرحمة.

﴿3﴾ حضرت شيخ الحديث مفتي در محمد سڪندري عليہ الرحمة.

﴿4﴾ حضرت علامہ مفتي عبدالواحد عباسي سڪندري عليہ الرحمة.

﴿5﴾ حضرت علامہ سيد غوث محمد شاهہ جيلاني عليہ الرحمة.

﴿6﴾ حضرت علامہ مولانا قربان علي سڪندري عليہ الرحمة.

﴿7﴾ حضرت علامہ مولانا محمد موروجو سڪندري.

وصال:

علم ۽ فضل جو هي سج ۽ رباني عالم 29 آگسٽ 1965 آچر جي رات هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.

سيف الرحمن

علىٰ

أعداء القرآن

تاليف

مُفتيءِ اَعظم پاڪستان

أُستاذُ العلماء، عُمدةُ الفقهاء، حضرت علامه مُفتي

محمد صاحبداد خان جمالي قدس سره العزيز

سابق شيخ الحديث جامعهٔ راشديه پيرجو گوٹ

تحقيق و تسهيل

أُستاذُ العلماء، حضرت علامه مُفتي

نور نبي سڪندري

ناشر



عنوان

اعليٰ حضرت محمد حسن صاحب قبلہ جي
خدمت ۾ هڪ ناچيز نذر

مون پنهنجي انهيءَ ناچيز تصنيف کي خلوص قلب ۽ فرط عقيدت سان حضور پر نور محي السنة، قامع البدعت، آقاءِ نامي و آغاء گرامي امام الوقت اعليٰ حضرت سيدنا و سندَنا خواجہ محمد حسن صاحب مجددي فاروقي مد ظلهم العالي جي نام نامي تي معنون کيو آهي. خدا وند تعاليٰ جي فضل سان اعليٰ حضرت ممدوح جي بزرگ هستي آسمان علم ۽ عرفان جو هڪ نيّر اعظم آهي ۽ سندن ذات بابرڪات في الواقع اهل اسلام لاءِ عام طرح سنڌ جي اهلسنت مسلمانن لاءِ خاص طرح هڪ ابر رحمت آهي.

فلہ الحمد! "فتنہ بد مذهبيت" جي سيلاب عظيم جي روڪڻ لاءِ سندن وجود سَدّ سڪندري آهي.

[نوٽ]

پريس جي غير مسلم ڪارڪنن ڪري ڪي غلطيون رهجي ويون آهن صفحه 35 -36 جو ساڳيو مضمون 37 صفحي ۾ ڇپجي ويو آهي. مضمون جي طوالت ڪري هن ڪتاب جو ٽيون باب جدا ضميمي جي صورت ۾ ڇپايو ويو ان جو مجموعي تعداد سواسو ڪان زياده آهي ۽ هي ڪتاب به فتاويٰ الهمايون جو مستقل ٽيون حصو آهي جو ته الهمايون سان گڏ هميشه شرعي مسئلن جو سلسلو سوال جواب جي صورت ۾ شايع ٿيندو آهي هي ان جي هڪ ڪڙي آهي.

10 جمادي الاوليٰ سنه 1345

فقير صاحبداد غفر له رب العباد

مدير الهمايون



[ڪتاب لکڻ جو سبب]

بسم الله الرحمٰن الرحيم
نحمده و نصلي و نسلم علی رسوله الکريم

سنڌ ۾ فتنہ رفض وڌي ويو آهي
تاجداران اسلام صحابہ ڪرامن تي ڪليل ناپاڪ حملہ
علماءِ اهلسنت جي غفلت

بخدمت شريف جناب مولائي المحترم مولانا صاحبداد مدير الهمايون:

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ:

اوهان کي معلوم آهي تہ اڄ ڪلهہ سنڌ ۾ فتنہ ارتداد کان وڌ فتنہ رفض جي ترقي تي رهي آهي. کلي طرح اصحابن تي حملہ ٿين ٿا خصوصن لاڙڪاڻي ضلعي ۾ تہ هيڪاري واويلا مچي وئي آهي. اسان جا علماءِ ڪرام اهلسنت وارا ان ۾ ڪوبہ توجہ نہ ٿا ڪن انهي ڪري اوهان صاحبن جي خدمت ۾ التماس آهي تہ مهرباني ڪري هيٺين ڳالهين جا جواب شيعن جي ڪتابن مان جنسي عبارتون صفحہ وار پيش ڪري عنايت ڪندا تہ نهايت احسان مند رهندس. مهرباني فرمائي هن ڪم ۾ تاخير نہ فرمائيندا ڇو تہ فتنہ رفض ڏي

متوجہ ٿيڻ جي في الفور ضرورت آهي ۽ ساري سنڌ ۾ هڪ اوهان ۽ اوهان جو "الهمايون" ئي آهي جو مخالفين اهلسنت جي ترديد ۾ ڪوشان آهي.

سوالات هي آهن

﴿1﴾ خلفاءِ ثلاثہ (حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان ذي النورين) ۽ ٻين اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جي حق ۾ شيعہ صاحبن جو ڇا اعتقاد آهي؟

﴿2﴾ قرآن شريف تي شيعن جو ايمان آهي يا نہ؟ ڇو تہ اسان ڪي ڪيترن رسالن جي ذريعي معلوم ٿيو آهي تہ شيعن جي ڪتابن ۾ هي ڳالهہ ثابت آهي تہ شيعن جو ايمان انهي قرآن شريف تي نہ آهي، هن قرآن شريف کي محرف انسانن جو ڦير ڦار ڪيل ۽ منافقن جو جمع ڪيل ۽ ترتيب ڏنل سمجهندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اصلي قرآن حضرت علي جمع ڪيو هيو اهو قرآن حضرت امام مهدي غائب وٽ آهي جيڪو پاڻ سان آڻيندو. مهرباني فرمائي شيعن جي معتبر ڪتابن جي عبارتن سان ان ڳالهہ تي پوري تفصيل سان روشني وجهي ممنون فرمائيندا ڇو تہ اهو ئي هڪ مسئلو اهڙو آهي جيڪو

شيعن جي اسلامي دعوائن جي قلعي کي کولي ٿو ۽ شيعہ مذهب جي اندروني پول کي طشت ازبام ڪري ٿو.

﴿3﴾ اصحابن سڳورن جا تعلقات حضور جن ﷺ ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم سان ڪهڙا هئا؟

﴿4﴾ هي جو شيعہ مذهب وارا پاڻ کي آل رسول جا محب سڏائڻ جي لَمبي چوڙي دعويٰ ڪري عام طرح سان رسول الله ﷺ جي صاحبزادين يعني ڀين "ٽن نياڻين" جو انڪار ڪندا آهن ۽ حضرت بيبي خاتون جنت کان سواءِ ان جي ٽن سڳين ڀينرن کي نہ مڃيندا آهن ۽ جگر گوشہ حضرت فاطمة الزهراء حضرت سيده بيبي ام ڪلثوم زوجہ حضرت عمر رضي الله عنہ ۽ حضرت محبوب سبحاني سيدنا عبدالقادر جيلاني بغدادي رحمة الله عليہ بابت شيعن جو ڇا عقيدو آهي؟ مهرباني فرمائي انهي مسئلي تہ بہ مدلل روشني وجهندا.

﴿5﴾ شيعہ مذهب جي خاص عقيدن ۽ خاص ڳالهين تي بہ روشني وجهي ممنون فرمائيندا جڏهن تہ بفضل الله تعاليٰ شيعن جي ترديد جو سامان ۽ شيعہ مذهب جا معتبر ڪتاب اوهان وٽ بڪثرت موجود آهن تڏهن شيعن جي ئي ڪتابن مان پنجتن پاڪ عليهم

السلام جي مهابي انهن پنجن سوالن جا جواب ڏيندا. جيڪڏهن اوهان بہ فتنہ رفض ڏي جلدي توجہ نہ ڪيو تہ پوءِ يقين سمجهندا سون تہ اوهان فقط آرين ۽ وهابين جي ترديد لاءِ پنهنجو رسالو مخصوص ڪري ڇڏيو آهي ۽ فتنہ رفض ڪي روڪڻ هڪ جرم سمجهو ٿا.

فقط

والسلام مع الاکرام

23 ربيع الثاني سن 1345هہ

الراقم قمرالدين مهيسر عطائي از ڏگاڻہ مهيسر

ضلع لاڙڪاڻہ سنڌ، پوسٽ وسايہ

تعلقہ رتو ديرو

نوٽ:

الهمايون بابت محرم 1345 هہ ۾ جيڪي جواب مدلل شيعن جي سوالن جا شيعہ ڪتابن جي صفحي وار حوالن سان اوهان لکيا آهن سي نهايت ڪامياب مؤثر ثابت ٿي رهيا آهن.

جزاکم الله خيرا



بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمد لله الذي ارسل الانبياء والمرسلين و اوضح لنا سبيل المؤمنين المخلصين والصلاة والسلام على سيد النبيين و رحمة للعالمين و على آله و اصحابه الذين كانوا رحماءُ بينهم اشداءُ على الكفار والمرتدين والملحدين.

جناب مكرم گرامي خاطرم مولوي قمر الدين

ابقاه الله تعالى

هديہ تسليمات کان بعد واضح هجي تہ وقت جي اقتضاء اها آهي جو اسلام جا سڀ فرقا متفق ٿي ڪري مخالفين اسلام، آريہ، عيسائي وغيره جو مقابلو ڪريون جو هن وقت اهي اسلام پاڪ جي مٽائڻ جي پُر زور ڪوشش ڪري رهيا آهن.

هڪ طرف شُڌي جي تحريڪ هند سنڌ ۾ عالمگير وبا وانگر ڦهليل آهي تہ ٻي طرف عيسائيت جا مبلغ هڪ انوکي ڍنگ ۾ مسلمانن کي مرتد بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن مگر بد قسمتي سان اسلام جي ٻاهرين دشمنن کان سواءِ اندروني خانہ جنگي مسلمانن کي وڏيڪ تباهہ ڪري رهي آهي. اسلام جا اندروني دشمن رافضي ۽ وهابي ۽ مرزائي ۽ قادياني، نيچري، چڪڙالوي وغيره مسلمانن جو ايمان برباد ڪري رهيا آهن. اهلسنت وارن جي مات ۽ غفلت

کان ناجائز فائدو وٺي رفض ۽ وهابيت وغيره جي وبا قيلائي وڃي
ٿي ۽ اهي فرقا مختلف چالبازين سان پنهنجي تقريرن، تحريرن جي
ذريعي اهلسنت کي گمراهه ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن انهن فرقن
جي اها رفتار رهي تہ ڪنهن وقت ضرور اسلام پاڪ جي اصلي
صورت ميٽجي رافضيت، وهابيت، مرزائيت، نيچريت وغيره [جي]
مخصوص شڪل اختيار ڪندي. علماء اهلسنت جو اولين فرض
آهي تہ اسلام جي ٻاهرين دشمنن سان گڏ انهن اندروني دشمنن ۽
مار آستينن جي فتني انگيزين ڏي بہ متوجهه ٿين.

نهايت افسوس جو مقام آهي جو اهلسنت جا گهڻا علماء پنهنجي
متفقہ فرض تي ڪو توجهه نہ ٿا ڏين ۽ حالت روز بروز بدتر ٿي رهي
آهي. اڄ سنڌ ۾ ڪلم ڪلا "شيعہ" تاجداران اسلام خلفاءِ راشدين ۽
ٻين اصحابن سڳورن تي ڪفر ۽ نفاق جا ناپاڪ الزام رکي اسلام
جي پاڙ پٽي رهيا آهن.

جنهن صورت ۾ فتنہ رفض سنڌ ۾ فتنہ ارتداد کان بہ وڌيڪ
خطرناڪ ۽ اسلام لاءِ سخت خوفناڪ ٿيو آهي ۽ سنڌ جي گوشي
گوشي کان فتنہ رفض جون پڪارون اچي رهيو آهن. تنهن ڪري
هن وقت مولوي قمرالدين صاحب جي سوالن جي جوابن ڏي توجهه
ڪرڻ ضروري ۽ سڀ کان مقدم ٿو سمجهان. اسلام جي انهن
اندروني دشمنن جي فتنہ انگيزن ڏي توجهه ڪرڻ انهي ڪري

ضروري آهي جو ڪافر يا مرتد جي صحبت جو اثر هڪ مسلمان جي دل تي زياده هرگز نہ پوندو ڇو جو هو ڪلي طرح اسلام جو دشمن آهي، هو ڪجهہ بہ بڪندو مسلمان ان کي سندس دشمني جو ثبوت سمجهندا. مگر رافضي يا خارجي ۽ وهابي وغيره اسلامي دعويدارن جي ڳالهين کي ساده دل مسلمان ۽ آلا ڀولا[1] ماڻهون ضرور خير خواهي نظر سان ڏسندا جو اهي ڳالهيون سندن گمراهي جو سبب آهن، بلڪ فتنہ رفض تہ ايتري قدر اسلام لاءِ خطرناڪ آهي جو آرين ۽ عيسائين وغيره مخالفين اسلام کي قرآن شريف ۽ احاديث رسول تي ناپاڪ حملن ڪرڻ جي جرئت ئي شيعہ مذهب جي ڪتابن کان ملي آهي. قرآن شريف جي انڪار بابت شيعن جا عقيدا آئنده صفحن ۾ مفصل بيان ٿيندا. في الحال اسان کي هن ڳالهہ تي روشني وجهڻ ضروري آهي تہ شيعہ مذهب موجب اسلام جي صداقت جو قطعي انڪار ٿيل آهي.



[1] ساده سوده، ڀورڙا.

دنياءِ اسلام جو متفق عقيدو
۽ اسلام جي صداقت جو اثر

شيعن کان سواءِ ساري اسلامي دنيا جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي تہ اسلام جو واڌارو رسول الله ﷺ جي پاڪ تعليم ۽ اسلامي صداقت تي رکيل آهي جو ٿوري ئي وقت ۾ حضرت محمد رسول الله ﷺ ۽ سندس برحق خليفن حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان ذي النورين، حضرت علي المرتضي وغيره اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جي ذريعي عرب ۽ عجم اسلام جي صداقت آڏو سر تسليم خم ڪيو ۽ قيصر ۽ ڪسريٰ جهڙيون عظيم الشان بادشاهتون ڪفر کي ڇڏي اسلام ۾ داخل ٿيون.

شيعن جي نظر ۾ اسلامي صداقت جو اثر

شيعہ مذهب موجب رسول الله ﷺ جي 23 سالن جي تبليغ ۽ بي انتها ڪوشش ۽ اسلامي صداقت جو اثر فقط حضرت علي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي ڪن خاص ماڻهن ۽ ٻن ٽن ماڻهن ابوذر، مقداد، سلمان رضي الله عنهم تي ٿيو جو آخر تائين اسلام تي قائم رهيا باقي لکن جي تعداد ۾ سمورا اصحاب حضرت نبي ڪريم ﷺ جي وفات کان پوءِ مرتد ٿي ويا.

وڏيڪ عجب جهڙي ڳالهه هي آهي جو شيعن جو عقيدو آهي تہ خلفاءِ راشدين وغيره اصحابن نفاق جي نموني ۾ اسلام قبول ڪيو هو ۽ رسول الله ﷺ کي پڻ اها خبر هئي تہ منهنجي وفات کان بعد اهي اصحاب ڦري ڪافر مرتد ٿيندا ۽ حضرت علي ۽ سندس اولاد جا دشمن ٿيندا جنهن ڪري حضرت علي کي حضور پاڪ ﷺ تاڪيد سان وصيت ڪئي تہ تون اهڙن مصيبتن وقت صبر ڪجان. وصيت جو مفصل ذڪر اڳتي ايندو.

في الحال جوابن ڏي ناظرين جو توجهہ ڇڪائجي ٿو انهن سوالن جا جواب ٽن بابن ۾ بيان ٿيندا. هڪ باب ۾ صحابہ ڪرامن بنسبت شيعن جو عقيدو ۽ صحابہ ڪرامن خصوصن خلفاء ثلاثہ جو تعلق حضور ﷺ ۽ حضرت علي سان بيان ٿيندو ۽ شيعن جي آل رسول سان ڪوڙي محبت جي دعويٰ جو بيان. ٻئي باب ۾ هن ڳالهه تي روشني وجهبي تہ شيعہ مذهب وارا قيامت تائين پنهنجي مذهب موجب پنهنجو ايمان قرآن شريف تي ثابت نہ ڪري سگهندا. ٽين باب ۾ شيعن جا مکيہ عقيدا سندن ڪتابن مان بيان ٿيندا.

وما توفيقي الا بالله العظيم



باب پهريون
اسلام جي تاجدارن
صحابہ ڪرام بابت شيعن جا ڪفريہ عقيدا

شيعن جي معتبر ڪتاب "ڪافي ڪليني" (جنهن تي شيعن جي امام مهدي غائب هن الفاظن ۾ تصديق ڪئي آهي تہ: "هذا كاف لشيعتنا" هي ڪتاب اسان جي شيعن لاءِ ڪافي آهي جو ڪتاب جي سر ورق تي اهي عربي الفاظ لکيل آهن).

ياڱي ۾ئي فروع ڪافي جلد 3 "روضہ ڪافي صفحہ 115" ۾ صحابن ڪرامن بنسبت هي عقيدو لکيل آهي تہ حضور ﷺ جي وفات کان پوءِ سڀ اصحاب ڦري ڪافر ۽ مرتد ٿيا فقط ٽي اصحاب مسلمان رهيا (نعوذ بالله من هذه العقيدة الخبيثة) اهي ٽي اصحاب جيڪي مسلمان رهيا هي آهن.1- ابوذر غفاري. 2- مقداد بن اسود. 3- سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنهم.

انهي ڪتاب جا الفاظ هي آهن "عن ابي جعفر عليه السلام قال كان الناس اهل الردة بعد النبي ﷺ الا ثلاثة فقلت و من الثلاثة فقال: المقداد بن الاسود، و ابو ذر الغفاري و سلمان الفارسي رحمة الله عليهم".

ترجمو: حضرت امام باقر عليہ السلام ٿو فرمائي تہ رسول الله ﷺ جي وفات کان پوءِ سڀ ماڻهون مرتد ٿي ويا فقط ٽي ماڻهون مسلمان رهيا.

﴿1﴾ مقداد بن الاسود.
﴿2﴾ ابو ذر غفاري.
﴿3﴾ سلمان فارسي.

اهڙي طرح شيعن جي علامہ باقر مجلسي پنهنجي مشهور ڪتاب "حيات القلوب جلد 2 مطبوع نولڪشور لکنؤ" 1916ع صفحہ نمبر 767 ۾ لکيو آهي تہ حضور پاڪ ﷺ کان پوءِ سڀ اصحاب ڪافر ۽ مرتد ٿي ويا. "چون حضرت رسول از دنيا رحلت نمود مردم همه مرتد شدند بغير چهار نفر علي ابن ابي طالب و مقداد و سلمان و ابوذر".

ساڳي طرح ڪتاب "رجال ڪشي صفحہ نمبر 8" ۾ آهي تہ "ارتد الناس الا ثلاثة نفر سلمان و ابو ذر والمقداد وان اردت الذي لم يشک و لم يدخل شيء فالمقداد".

يعني سڀ ماڻهون مرتد ٿي ويا سواءِ ٽن شخصن جي سلمان، ابو ذر ۽ مقداد جيڪڏهن توهان هڪ اهڙو ماڻهون گهر ڪرين جنهن جي دل ۾ شڪ نہ پيو هجي ۽ نہ ئي ان جي دل ۾ ڪا برائي داخل ٿي هجي سو مقداد آهي.

هي آهي شيعن جو ڪفريو ضروري عقيدو اصحابن سڳورن رضوان الله تعاليٰ عليهم بنسبت.

هاڻي شيعہ صاحبان پنهنجي انهي عقيدن موجب ٻڌائين تہ:

﴿1﴾ ڇا هادي اسلام سيد الانبياء محمد رسول الله ﷺ جي پاڪ عالمگير تعليم جو اثر فقط ٽن چئن ماڻهن "ابوذر، علي، مقداد، سلمان فارسي" تي ٿيو؟.

﴿2﴾ ڇا اسلام پاڪ جي صداقت جو اثر انهي کي چئبو آهي جو ٽي، چار ماڻهون ان جي صداقت تي قائم رهيا باقي سڀ ڦري ويا؟ هي آهي اسلامي صداقت جو اثر شيعن وٽ؟

﴿3﴾ ڇا قرآن شريف جي نزول ۽ خاتم النبيين رحمة للعالمين جي عالمگير رسالت جو دنيا کي اهو فائدو ٿيو جو ٽن چئن کان متي مسلمان ئي نہ رهيا؟.

﴿4﴾ ڇا خدا وند تعاليٰ قرآن شريف جو نزول ۽ رسول الله ﷺ جي رسالت جو ايڏو عظيم الشان ڪم فقط انهن چئن ماڻهن لاءِ فرمايو؟.

﴿5﴾ ڇا آيت "كنتم خير امة" وارو عظيم الشان خطاب فقط حضرت علي ۽ انهن ٽن ماڻهن لاءِ فرمايو؟.

﴿6﴾ ڇا حضرت علي کي انهن ٽن ماڻهن جي عمارت ڪري امير المؤمنين چئبو؟.

﴿7﴾ ڇا حضرت علي جو انهن ٽن ماڻهن جي اجماع ۽ اتفاق سان خليفة الاسلام ٿيو هوندو سو شيعہ عقيدي موجب خليفة المسلمين ۽ امير المؤمنين ٿي سگهندو.

﴿8﴾ ڇا باني اسلام فخر الانبياء حضرت نبي ڪريم ﷺ جي 23 سالن جي اسلامي تبليغ ۽ بي مثال قربانين جو نتيجو اهو ٿيو جو فقط ٿي ماڻهون اسلام تي قائم رهيا باقي سڀ مرتد ٿي ويا؟.

﴿9﴾ ڇا قرآن شريف جنهن تي اسلام ۽ ايمان جو دارومدار آهي ۽ اسان کي اصحابن سڳورن رضوان الله عليهم جي ذريعي پورو پورو ۽ مڪمل ٿي مليو آهي شيعن جي انهي ناپاڪ ڪفريہ اعتقاد موجب جو سڀ اصحاب مرتد ٿي ويا جنهن ۾ خلفاء ثلاثہ (حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان ذوالنورين) بہ شامل آهن تہ پوءِ بقول شيعہ ڪافرن ۽ مرتدن جي جمع ڪيل قرآن تي ڪيئن ايمان ٿي سگهندو؟.

هڪ شاعر سچ چيو آهي:

مؤمن قرآن شدن بار فض دون

ايں خيال است و محال است و جنون

﴿10﴾ ساري دنياءِ اسلام جو انهي ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ اصحابن ڪرامن جي عيني شهادت جي ئي ذريعي رسول الله ﷺ جي نبوت ۽ رسالت جي تصديق اسان کي ملي آهي ۽ اصحابن ڪرامن جي ئي ذريعي اسلام جي تبليغ ۽ رسول الله ﷺ جي پاڪ تعليم دنيا ۾ ڦهلي آهي تہ پوءِ شيعن جي ڪفريہ عقيدي موجب رسول الله جي

رسالت ۽ پاڪ تعليم تي ڪيئن ايمان ٿي سگهندو؟ ڇا ڪافر ۽ مرتد اسلام جي پاڪ تعليم ۽ تبليغ ڪندا؟.

﴿11﴾ هي ڳالهه به ساري دنيا تسليم ڪندي آهي ته حضور پاڪ ﷺ کان بعد لڳو لڳ 23 سال خلفاءِ ثلاثه رضي الله تعاليٰ عنهم جي خلافت يڪي بعد ديگري رهي آهي ۽ بقول علماء شيعه اهڙي زبردست حڪومت خلفاء ثلاثه جي رهي آهي جو سيدنا حضرت علي شير خدا کي انهن جي آڏو چون و چران ڪرڻ جي طاقت ئي نه هئي ته پوءِ شيعن جي عقيدي موجب جيڪڏهن اهڙن طاقتور خليفن کي ڪافر ۽ مرتد تسليم ڪيو ويندو ته اسلام جي ڪنهن به ضروري شيء قرآن وغيره تعليم النبي ڪيئن تحريف ۽ انهن جي تصرف کان بچيل هوندي؟ قرآن پاڪ جي تحريف جو مفصل بيان بي هنڌ ڏنل آهي.

﴿12﴾ خدا وند تعاليٰ قرآن شريف ۾ حضور پاڪ ﷺ کي فرمائي ٿو ته منافق تنهنجي پاڙي ۾ گهڻو وقت نه رهي سگهندا. "ثُمَّ لَا يُجَاوِرُونَکَ فِيۡهَاۤ اِلَّا قَلِيۡلًا". (سورة احزاب آيت 60) حالانڪ اصحاب ثلاثه يعني حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنهم کي اهڙي پاڙيسري نصيب ٿي جو حياتي ۾ به رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ هر وقت حاضر هيا ۽ وفات کان پوءِ به حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر



فاروق هڪ روضي ۾ پهلو بہ پهلو آرام فرما آهن ۽ حضرت عثمان ذوالنورين جنت البقيع مديني ۾ (جتي رسول الله ﷺ جا اهلبيت آرامي آهن) آرام فرمائي رهيا آهن. جيڪڏهن بقول علماءِ شيعہ اصحاب ثلاثہ منافق ۽ مرتد هيا تہ پوءِ ڪين اهو قرب ڇو حاصل ٿيو ۽ پنهنجي تفسير "خلاصة المنهج" ۾ شيعن جو عالم فتح الله ڪاشاني انهي آيت هيٺ لکي ٿو "مگر در زمان اند ڪہ چہ دراند ڪہ فرصتي مستاصل گردند" هاڻي شيعہ صاحبان قرآن شريف کي ڇا جواب ڏيندا؟.

﴿13﴾ جيڪڏهن شيعن جي عقيدي موجب اصحاب ثلاثہ ڪافر ۽ منافق هيا تہ پوءِ رسول الله ﷺ ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ انهن سان جهاد (جنگ) ڇو نہ ڪيو؟ حالانڪ قرآن شريف ۾ حضور پاڪ ﷺ کي صاف حڪم ٿيل آهي تہ اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن سان جنگ ڪر."يَا اَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الكُفَّارَ وَالْمُنَافِقِيْنَ". (سورة توبہ آيت 73).

﴿14﴾ جڏهن تہ شيعہ اصحاب ثلاثہ رضي الله تعاليٰ عنهم جا خود ساختہ مظالم بيان ڪندا آهن جو خلفاء ثلاثہ حضرت علي رضي الله کان خلافت کسي ورتي، باغ فَدڪ دٻائي ڇڏيو، جناب سيده فاطمہ رضي الله عنها جي سخت توهين ڪئي، ان جون پاسريون ڀڳائون ۽ ٻار ڪيرايائون ۽ سندس لخت جگر سيده ام ڪلثوم کي حضرت

عمر زور سان ڪسي ورتو، پوءِ سوال آهي تہ حضرت علي اهڙي وقت ۾ ڇو نہ ترار ڪنئي ۽ ڇو نہ جنگ ڪيائين؟ شيعن جو چوڻ آهي تہ حضرت علي صبر ڪيو، وري سوال پيدا ٿيندو تہ امير معاويہ سان ڇو جنگ ڪيائين جو هزارين ماڻهون ٻنهن ڌرين جا قتل ٿي ويا؟ وري جيڪڏهن اهڙو صبر جو حڪم هو تہ پوءِ حضرت امام حسين رضي الله يزيد مردود سان ڇو جنگ ڪئي؟ پنهنجي ۽ معصوم شهزادن جون جانيون ڇو قربان ڪيائين؟.

﴿15﴾ جيڪڏهن شيعن جي عقيدي موجب خلفاءِ ثلاثہ (رضوان الله عليهم اجمعين) ڪافر ۽ منافق ۽ دشمن اهلبيت هيا تہ پوءِ حضرت امام حسن ۽ حضرت امام زين العابدين ۽ حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضي الله تعاليٰ عنهم پنهنجي پنهنجي اولاد جو نالو ابوبڪر، عمر، عثمان ڇو رکيو ۽ حضرت امام رضا ۽ حضرت امام علي نقي پنهنجي پنهنجي شهزادين جو نالو "عائشہ" ڇو رکيو؟

دنيا ۾ هي قاعدو آهي تہ پنهنجي بزرگن ۽ واجب التعظيم بزرگوارن جي نالن سان تبرڪ جي لاءِ پنهنجي اولاد جا نالا رکيا آهن، پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي دشمنن جا نالا ڪوبہ پنهنجي اولاد تي نہ رکندو آهي. ڪربلا جي واقعي کي ڪيتريون صديون گذريون آهن مگر ڪنهن بہ مسلمان اهلبيت جي محب پنهنجي اولاد

تي يزيد پليد ۽ شمر مردود جو نالو نہ رکيو آهي شيعہ صاحبان ٿورو غور ڪري پوءِ جواب ڏين؟

﴿16﴾ شيعن جي ڪتابن ۾ هي ڳالھ بہ ثابت آهي حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم جي ٽن پٽن جا نالا ابو بڪر، عمر، عثمان هيا جو پنهنجي ڀاءُ سيدنا امام حسين عالي مقام سان گڏ ڪربلا ۾ شهيد ٿيا.

هاڻي سوال آهي تہ شيعہ مرثين ۾ حضرت علي جي انهن صاحبزادن جا نالا ڇو نہ وٺندا آهن؟ ڇا انهن کان اها خطا ٿي جو حضرت علي انهن جا نالا خلفاء ثلاثہ جي نالن تي رکيا؟ ڇا انهن جي اها خطا آهي جو پنهنجي ڀاءُ سيدنا امام حسين تي سر قربان ڪيو؟.

﴿17﴾ جيڪڏهن اصحاب ثلاثہ رضي الله عنهم جي خلافت برحق نہ هئي تہ پوءِ حضرت "شهربانو" (حضرت امام زين العابدين جي والده) جيڪا حضرت عمر جي خلافت وقت غنيمت ۾ قيد ٿي آئي هئي جيڪا فارس جي بادشاھ جي ڌيءُ هئي ۽ حضرت عمر سيدنا امام حسين جي نڪاح ۾ ڏني، اهو واقعو خود شيعن جي معتبر ڪتاب "اصول ڪافي" مطبوع نولڪشور لڪنئو صفحہ 296 ۾ بہ لکيل آهي. هاڻي سوال آهي تہ شيعن جي عقيدي موجب خلفاء ثلاثہ ڪافر ۽ مرتد هيا (نعوذ بالله) تہ پو انهن جي ذريعي جيڪا غنيمت فتح ۾ آئي هوندي اها ڪيئن حلال هوندي؟ ۽ بقول شيعہ

امام معصوم انهي حرام مال ۾ ڪيئن دخل ڏيندا؟ ۽ شيعن جي عقيدي موجب خلفاء ثلاثہ جي مال غنيمت کي حرام چيو وڃي ٿو تہ پوءِ جيڪي بہ سادات سيدنا امام زين العابدين کان وٺي ٿيا آهن انهن جي نسب تي ڪيڏو نہ ناپاڪ حملو آهي؟ شيعن کي گهرجي تہ انهن واقعن کي ڏسي غور ڪن.

حضرت سيد المرسلين ﷺ حضرت علي سان اصحابن ڪرامن جا گهرا تعلقات

﴿18﴾ شيعہ عقيدي موجب جيڪڏهن اصحابہ ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم ڪافر، مرتد ۽ دشمن رسول ۽ دشمن اهلبيت آهن تہ پوءِ انهي عقيدي موجب حضور پاڪ ﷺ تي اعتراض لازم ايندو تہ خداوند تعاليٰ جي نافرماني ڇو ڪيائين، الله ۽ الله جي رسول جي دشمنن کي پنهنجو دوست ڇو ورتائين حالانڪ قرآن شريف ۾ آهي تہ "لَاتَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَ عَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ"

(سورة الممتحنه آيت 1)

يعني منهنجي ۽ پنهنجي دشمنن کي دوست ڪري نہ وٺو. حالانڪ حضرت سيد الانبياء اصحابن ڪرامن کي خاص ڪري خلفاء ثلاثہ رضي الله تعاليٰ عنهم کي تہ اهڙو دوست بڻايو جو سفر ۽ حضر ۾ سندن رفاقت کي غنيمت ڪري سمجهيائون حضور ﷺ کان پوءِ بہ حضرت علي رضي الله عنہ اهڙي مخلصانہ روش رکي جو حضرت

عمر رضي الله عنہ کي پنهنجي ڏيءَ حضرات حسنين رضي الله عنهما جي سڳي ڀيڻ نڪاح ۾ ڏنائين.
جيڪڏهن شيعن جي چوڻ موجب حضرت رسول الله ﷺ ۽ حضرت علي رضي الله عنہ مجبور هيا تہ پوءِ هجرت چو نہ تي ڪيائون؟ جو اهڙي مجبوري جي وقت ۾ هجرت فرض ٿيندي آهي.



شيعن جا حضرت علي رضي الله عنہ تي ناپاڪ حملا

جيڪڏهن صحابہ ڪرام نعوذ بالله ڪافر ۽ منافق هيا تہ پوءِ حضرت علي ڪرم الله وجهہ پنهنجي حضرت امام حسن و حسين رضي الله عنهما جي سڳي ڀيڻ سيده ام ڪلثوم حضرت عمر جي نڪاح ۾ چو ڏني؟.
شيعن وٽ هن اعتراض جو جواب هي آهي تہ حضرت عمر سان جگر گوشہ فاطمہ سيده بتول سيده ام ڪلثوم کي حضرت علي کان کسي ورتو هيو. جيئن تہ شيعن جي معتبر ڪتاب "فروع ڪافي" جلد 2 صفحہ 141 "باب تزويج ام ڪلثوم" ۾ هيءَ حديث امام جعفر صادق رضي الله عنہ کان روايت ڪئي وئي آهي. حديث جا الفاظ هي آهن.

"عن زراره عن ابي عبدالله عليه السلام في تزويج ام كلثوم و قال ان ذالک اول فرج غصبناه".

يعني امام جعفر صادق کان زراره روايت ڪئي آهي تہ امام صاحب کان جناب بي بي ام ڪلثوم جي پرڻائڻ بابت پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون تہ جو اهو پهريون ئي شرم گاهہ آهي جو اسان کان زور سان کسيو ويو آهي.

نهايت افسوس جي ڳالھ آهي جو شيعہ مذهب جا ڪافي ڪليني جهڙا اصولي ۽ معتبر ڪتاب حضرت بي بي ام ڪلثوم جگر گوشہ فاطمہ بتول جي انهي نڪاح واري واقعي کي شرم سوز الفاظن ۾ بيان ڪري حضرت عمر تي زور سان ڦُري وڃڻ جو الزام مڙهي رهيا آهن، مگر افسوس جو شيعہ ايترو بہ نہ ٿا سمجهن تہ اهو حضرت علي شير خدا جي غيرت تي ڪيڏو نہ ناپاڪ ۽ مردود حملو آهي جو سندس نياڻي زور سان ڦرجي وڃي ۽ حضرت علي جهڙو شير خدا غيور بهادر ماٺ ڪري ويهي. حقيقت ۾ شيعن جو فرقو دوستي جي آڙ ۾ ابن سبا يهودي جي پيروي ڪندي صحابہ ڪرام سان گڏ خود اهلبيتن تي پنهنجي بغض جا چوهہ ڇنڊي رهيو آهي.



شيعن جي ڪتابن ۾ هڪ بيهوده وصيت

حضرت بي بي ام ڪلثوم جي ڪسجي وڃڻ جي زبردست تائيد شيعن جي معتبر ڪتاب "اصول ڪافي" بحث الحجۃ جي باب 61 ۾ گهڻين حديثن جي ذريعي ڪئي وئي آهي انهي باب ۾ وصيت جو ذڪر ٿيل آهي جنهن ۾ حضرت علي کي رسول الله ﷺ جي ذريعي تاڪيد ٿيل آهي ته جيڪڏهن ڪعبة الله کي ڊاٿو وڃي ۽ قرآن شريف کي پرزه پرزه ڪيو وڃي ۽ تنهنجي (حضرت علي جي) ڏاڙهي ۽ مٿو رت سان رنگيو وڃي ۽ تنهنجي عزت خاڪ ۾ ملائي وڃي يعني تنهنجي ڌيءَ "ام ڪلثوم" زور سان ڪسي وڃي تڏهن به تون ضرور صبر کان ڪم وٺجان. انهي وصيت نامي تي ٻارنهن امامن جون مهرون لڳل آهن.

انهي وصيت جو ذڪر ڪتاب "جلاء العيون" اردو جلد 2 صفحه 58 ۾ به آهي جنهن ۾ حضرت علي چوي ٿو ته مان صبر ڪندس، في الحال اصول ڪافي جي عبارت ڏي توجهه ڪجي ٿو جو حضرت علي انهي وصيت کي قبول ڪيو ۽ راضي هيو هيٺيان الفاظ جواب ۾ عرض ڪيائين.

”فقلت و رضيت و ان انهتكت الحرمة و ء لمت السنن و مزق الكتاب و هدمت الكعبة و خضبت لحيتي من راس بدم عبيط صابرا محتبسا ابدا حتى اقدم عليک“.

انهي حديث جي هيٺان شيعن جو علامہ خليل قزويني پنهنجي مشهور ڪتاب ”الصافي شرح اصول ڪافي“ ۾ لکي ٿو: جو حضرت علي فرمايو تہ ”مراد غصب دختر من ست کہ بزور خواهند گرفت اشارت است بہ غصب عمر ”ام کلثوم“ فاطمہ عليهما السلام راتا آنکہ افتادم بروئي خود گفتم آري قبول کردم وراضي شدم هرچند کہ دريده شود پرده و معطل شده طريقهائي خداورسول پاره پاره کرده شود احکام قرآن خراب کرده شود کعبہ و رنگہ کرده شود محاسن من از جانب سر من بخون خالص بر حاليکہ صبر کنده باشم حساب انرابہ قيامت اندازنده باشم تاوقيتکہ وارد شوم برتو تاروز مرگ يادرروز قيامت“ انتهیٰ بلفظ.

ڏسو الصافي شرح اصول ڪافي بحث الحجة جي جز 3 باب 61 صفحہ 282.

ساڳي طرح الصافي جي صفحہ 281 ۾ هڪ حديث جي هن الفاظن: وعلى ذهاب حقک و غصب خمسک و انهتاک حرمتک قال نعم يا رسول الله هيٺيان هي الفاظ لکيل آهن.

”وبرفتن حق خلافت تو وغصب خمس تو و دريدن پرده تو اشارت است بد امادي عمر پس گفت آري اي رسول الله“ اصول ڪافي جي انهي باب ۾ هي بہ لکيل آهي تہ انهي وصيت نامي تي ٻارنهن امامن جون مهرون لڳل آهن. مطلب

ته شيعن جا معتبر حديث جا ڪتاب ببانگ دهل هي اعلان ڪري رهيا آهن ته حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه حضرت بي بي ام ڪلثوم جگر گوشه فاطمه بتول کي حضرت علي کان زور سان ڦري ورتو.

شيعن کي ذرا شرم اچڻ گهرجي جو دوستي جي لباس ۾ حضرت علي شير خدا جي ڪيڏي نه سخت بي عزتي ڪري ان تي بيغيرتي جو ناپاڪ الزام لڳائي رهيا آهن.



شيعه صاحبان ذرا شرم کان ڪم وٺي هيٺين ڳالهن جا جواب ڏين

﴿1﴾ ڇا شيعن جي انهي باطل عقيدي موجب حضرت علي تي ناپاڪ حملو نه آهي؟

﴿2﴾ ڇا جنهن شخص کي سني ۽ شيعو شير خدا ڪري مڃين اهو اهڙو بيغيرت ٿي سگهندو جو سندس جگر گوشه بي بي ام ڪلثوم کي زور سان ڀيا ڦري وڃن ۽ پاڻ مات ڪري ويهي؟.

﴿3﴾ ڇا ڪو ادنيٰ باغيرت "شيعو" پنهنجي لاءِ هي ڳالهه سهي سگهندو؟.

﴿4﴾ ڇا رسول الله ﷺ اهڙي بي غيرتي جي تعليم ۽ وصيت ڪندو جو حضرت علي پنهنجي ڌيءُ جي ڦرجي وڃڻ تي صبر ڪري؟

﴿5﴾ ڇا دوازده امام (ٻارنهن امام) اهڙي بي غيرتي جي وصيت نامي تي پنهنجي تصديق ۽ قبوليت جي مهر لڳائيندا؟

﴿6﴾ ڇا دوازده امامن (ٻارنهن امام) ۽ حضور پاڪ ﷺ تي اهڙو بهتان ۽ افترا ڪڙو ڪرڻ، شيعن جو سخت ناپاڪ حملو نہ آهي؟

﴿7﴾ ڇا هڪ اهلبيت رسول الله جي پاڪ نياڻي ايتري عمر اهڙو ناجائز تعلق پنهنجي پيءُ جي مرضي جي خلاف رکي سگهندي؟

﴿8﴾ شيعي مذهب وارن جو متفقہ عقيدو آهي تہ حضور پاڪ ﷺ ڪان بعد حضرت علي خلافت جو مستحق آهي تہ پوءِ شيعہ حضرات ٻڌائن جو بقول علماء شيعہ حضرت علي کي ڪعبة الله شريف جي ڍاهڻ تي غيرت نہ ٿي اچي ۽ قرآن شريف جي پرزه پرزه ٿي وڃڻ تي بہ غيرت نہ ٿي اچي بلڪ بقول باقر مجلسي مندرجہ ڪتاب جلاء العيون اردو صفحہ 152 حضرت علي کي سيده فاطمہ جي پاسرن ڀڄڻ ۽ سندس پيٽ ۾ ٻار شهيد ڪرڻ ۽ پنهنجي لخت جگر بي بي ام ڪلثوم جي ڪسجي وڃڻ تي بہ غيرت نہ ٿي اچي تہ پوءِ اهو شخص (حضرت علي) ڪيئن امير المؤمنين ۽ اسلام جو تاجدار شيعي مذهب موجب ٿي سگهي ٿو؟.

هي آهي شيعن جي ناپاڪ دوستي حضرت علي رضي الله تعالیٰ عنہ ۽ اهلبيت سان. مسلمانو! بيدار ٿيو جو شيعن جو ٽولو دوستي جي آڙ ۾ اسان جي آقا ۽ موليٰ شير خدا علي رضي الله عنہ

تي بزدلي جا ناپاڪ الزام رکي اسان جي دلين کي پاش پاش ڪري رهيو آهي.

کیوں دوستی کے پردے میں کرتے ہو دشمنی

کیوں دامن ادب کی اڑاتے ہو دھجیاں

﴿9﴾ ڇا حضرت فاطمة الزهرا انهي وصيت کان بي خبر ۽ جاهل هئي جو جڏهن حضرت علي بقول علماء شيعه حضرت ابابڪر صديق جي خليفه ٿيڻ وقت صبر ڪيو ۽ حضرت فاطمة تي ظلم ٿيا تڏهن حضرت فاطمه انهي ايتري قدر غصو ڪيو جو ادب شوهر کي بالائي طاق رکي حضرت علي تي خوب ڇوهه ڇنڊيا ۽ هي الفاظ چيائين ته اي ابي طالب جا پٽ پيٽ جي ٻار وانگر گهر ۾ لڪي ويٺو آهين ۽ خائنن وانگر گهر ۾ گهسي ويو آهين، هن کان اڳ بهادرن کي مغلوب ڪندو هئين، هينئر پاڻ انهن جو مغلوب ٿيو آهين.

جيئن ته شيعن جي معتبر ڪتاب احتجاج مطبوعه ايران صفحه 59 ۾ شيعن جو علامه نوري طبرسي لکي ٿو ته:

"قالت لامير المومنين عليه السلام يا ابن ابي طالب اشتملت شملة الجنين وقعدت حجرة الظنين الخ".

انهي روايت جو ترجمو شيعن جي علامه باقر مجلسي پنهنجي مشهور ڪتاب "حق اليقن" صفحه 233 ۾ لکي ٿو ته "خطا بهائی درشت باسید اوصیا نمود که مانند جنین در رحم پرده نشین شده و مثل خائبان در خانه گریختهٔ بعد از

آنکہ شجاعان دہرا بر خاکہ ہلاکہ انگندی مغلوب ایناں گردیدہ الخ'' مٿي مطلب گذري چڪو.

ڪتاب اصول ڪافي جي مٿين وصيت موجب حضرت علي کي صبر ڪرڻ ضروري هيو تہ پوءِ حضرت فاطمة الزهراء ڇو حضرت علي کي اهڙو سخت ذليل ڪيو؟.



حضرت علي رضي الله عنه جي بهادري

اسين اهل سنت حضرت مولي علي المرتضيٰ شير خدا کي اشجع الاشجعين شيرخدا اسد الله الغالب ڪري مڃيندا آهيون.

مگر شيعہ مذهب وارا هڪ طرف حضرت علي شيرخدا کي اهڙو بزدل تسليم ڪندا آهن جو پنهنجي ڏيءَ جي ڪسجڻ ۾ حضرت فاطمہ جي پاسرين ڀڄڻ سندس ٻار شهيد ٿيڻ ۾ حق خلافت جي غصب ٿيڻ تي بہ سندن بهادري کي جوش نٿو اچي؟

تہ ٻي طرف وري هي عقيدو حضرت علي ۾ رکندا آهن تہ الله تعاليٰ حضرت علي رضي الله عنہ کي ساري دنيا جون شيون تابع ڪري ڏنيون آهن مثلا سج، چنڊ، تارا، ڪڪر، گاج، وڄ، جبل، درياء وغيره. ڏسو حق اليقين اردو صفحہ 436 ۾ روحن جو قبض ڪرڻ بہ امامن جي اختيار ۾ آهن، حق اليقين اردو صفحہ 496 بلڪ شيعن جي مستند ڪتاب اصول ڪافي مطابع نولڪشور صفحہ 185 ۾ هڪ



خلاصو باب لکيل آهي تہ مرڻ امامن کي پنهنجي اختيار ۾ هوندو آهي ۽ پنهنجي مرڻ جو وقت بہ امامن کي معلوم هوندو آهي انهي باب جو عنوان هي آهي: "باب ان الائمتہ عليهم السلام يعلمون متي يموتون وانهم لايموتون الا باختيار منهم".

حضرت علي رضي الله عنہ لاءِ انهيءَ وصيت ۾ صبر ڪرڻ جي حد مقرر نہ ڪئي وئي آهي تہ ڪيتري تائين صبر ڪرڻ گهرجي، بلڪ حضرت علي صاف اقراري ٿيو آهي تہ هميشہ مرڻ تائين صبر ڪندو رهندس ۽ ڪنهن سان بہ لڙائي يا جنگ نہ ڪندس هاڻي سوال هي آهي تہ حضرت علي فاطمہ الزهراء جي ظلمن تي تہ اهڙو صبر ڪيو جو بقول علماء شيعہ حضرت فاطمہ الزهرا تي ايتري قدر ظلم ٿيا جو سندس بازو ۽ پاسريون ڀڄي پيون ۽ سندس فرزند جنهن جو نالو اڳي ئي محسن رکيو ويو هو اهو پيٽ ۾ ئي شهيد ڪيو ويو ۽ حمل ساقط ٿيو، اهو قصو شيعن جي علامہ مجلسي پنهنجي ڪتاب "جلاء العيون" جلد اول صفحہ 152 ۾ آندو آهي ۽ انهي صفحي ۾ هي بيان بہ لکيل آهي تہ حضرت علي جي گردن مبارڪ ۾ رسو وجهي مسجد ۾ بيعت لاءِ وني ويا (نعوذ بالله تعالىٰ من خرافات الشيعة) ۽ اهو واقعو شيعن جي گهڻن ڪتابن ۾ موجود آهي.

ڏسو ڪتاب حق اليقين مصنف باقر مجلسي صفحہ 200 ۽ ڪتاب نور الايمان صفحہ 193 ۽ ڏسو ڪتاب خلاصة المصائب صفحہ 333 ۽

صفحه 166 ۽ ڏسو ڪتاب سيف حسيني مطبوعه يوسفي پريس دهلي صفحه 24 ۽ صفحه 74.

شيعن جي خود ساخته بيان ڪيل ظلمن کي پيش ڪندي ازخود حضرت علي جي باري ۾ شيعن تي لاجواب اعتراض وارد ٿيندا آهن. ۽ حسب تصريح ڪتب شيعه حضرت علي جي اهڙي حالت ٿي هئي جو حضرت سيده فاطمه کي گڏه تي چاڙهي حضرات حسنين کي پا پياده ٿي ڏينهن مدينه جي گهر گهر ۾ پنهنجي مظلوميت جي دانهن ڪٿي ويو جو ڪوبه مددگار نه ٿيس ڏسو شيعن جو معتبر ڪتاب احتاج طبرسي صفحه 46.

"حمل علي فاطمه على حمار واخذ ابنيه الحسن والحسين فلم يدع احدا من المهاجرين والانصار الا اتي في معزلته و ذكر حقه و دعاه الى نصرتة".

اسان اهلسنت جو عقيدو ۽ يقين آهي ته اهي سڀ ڳالهيون حضرت شير خدا علي المرتضيٰ تي شيعن بهتان مڙهيا آهن ۽ دوستي جي پردي ۾ اهلبيت عليهم السلام تي ڪليل حملا آهن. اهو ڪتاب احتاج طبرسي مطبوع ايران شيعن جي مدرسة الواعظين لکنئو جي نصاب تعليم ۾ داخل آهي مگر هاڻي شيعه ٻڌائن ته حضرت علي جي برخلاف امير معاويه کهڙو ايڏو وڏو ظلم ڪيو هو جو بقول شيعه رسول خدا ﷺ جي تاڪيدي وصيت کي حضرت علي المرتضيٰ پس پشت اڇلائي جنگ عظيم برپا ڪئي جنهن ۾ طرفين

جا هزارين جان نثار دوست قتل ٿي ويا ۽ هزارها سچا مسلمان ۽ صحابه ڪرام قتل ٿيا ان وقت حضرت علي ڇو نه صبر ڪيو حالانڪ پڻ حضرت علي بقول علماء شيعه وصيت ۾ اقرار ڪيو آهي مرڻ تائين ظلم سهندس ۽ ڪنهن سان مقابلو نه ڪندس؟.
شيعه صاحبان پنهنجي معتبر ڪتابن جي ذڪر ڪيل عبارتن کي ڏسي انهن اعتراضن جا جواب ڏين.
نهايت افسوس آهي انهن بي خبر مسلمانن جي حال تي جيڪي شيعن جي تولي کي آل رسول ۽ حضرات دوازده امامن (ٻارنهن امام) جو دوست ڪري سمجهندا آهن انهي سموري خرابي جي ذميواري اهلسنت جي عالمن تي آهي جن جي غفلت اڄ جو ڏينهن ڏيکاريو آهي جو سنڌ ۾ علي الاعلان شيعن جون انجمنون اشتهارن ۾ پڌرو ڪري رهيون آهن ته "اهلسنت وارا اصحابن ڪرامن جو ايمان ثابت ڪن" ۽ روز و شب شيعه افراد اسان جي تاجداران اسلام تي ناپاڪ حملا ڪري رهيا آهن ۽ بعض وقت تقيو ڪري اهلسنت جي لباس ۾ پنهنجي مذهب جي تبليغ ڪري مسلمانن جو ايمان برباد ڪن ٿا. سخت ضرورت آهي جو شيعن جا مذهبي ڪتاب گهرائي شيعن جي باطل ۽ ڪفريه عقيدن کان مسلمانن کي خبردار ڪيو وڃي ۽ شيعه مذهب جا ترديدي ڪتاب مطالعه ڪري متفق طريقي سان شيعن جي ناپاڪ حملن جو جواب ڏجي، انهن مٿين

عقيدن جي ظاهر ٿيڻ کان بعد هي ڳالهه آفتاب وانگر روشن ٿي وئي آهي تہ شيعن جو تولو حقيقت ۾ ڪيتري قدر اسلام ۾ اهلبيت رسول جو دشمن آهي ۽ حضرت سيدنا علي تي ڪهڙا نہ ناپاڪ ۽ شرم سوز حملہ ڪري اسان جي دلين کي صدمو پهچائي رهيو آهي.

مطلب تہ ڪو دشمن اسلام ۽ خارجي بہ حضرت علي ۽ ٻين امامن سڳورن تي اهڙن ناپاڪ ۽ مردود حملن ڪرڻ جي جرئت نہ ڪري سگهندو، ۽ جهڙي طرح شيعن جو ٽولو دوستي جي آڙ ۾ حضرت علي جهڙي شير خدا تي وار ڪري رهيو آهي اهڙن مردود عقيدن جي گهڙڻ مان هميشہ شيعن جو هي مطلب هوندو آهي تہ حضرت عمر ۽ ٻين اصحابن جا خود ساختہ مظالم بيان ڪري ماڻهن کي صحابہ ڪرام رضي الله عنهم کان بيزار ڪيو وڃي مگر عقل جا انڌا ايترو بہ نہ ٿا سمجهن تہ در حقيقت اهڙين ڳالهين ۾ حضرت علي ۽ اهلبيت عظام سان شيعن جي دشمني جو ثبوت ڪافي کان زياده ملي رهيو آهي.

جڏهن شيعن کي پڇڻ جي طاقت بہ نہ رهندي آهي تڏهن قسمين قسمين جون چالبازيون ڪيڏي ابوجهه اهلسنت جي (عوام کي) برغلائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن يعني چالباز شيعہ حضرت بي بي ام ڪلثوم بابت چوندا آهن تہ حضرت عمر جو نڪاح بي بي ام ڪلثون سان بيشڪ آهي مگر اها بي بي ام ڪلثوم حضرت علي

جي ڌيءُ نہ آهي ۽ بعضي شيعہ وري حضرت عمر سان نڪاح جو ئي انڪار ڪندا آهن، جيئن هن ڏانهن ۾ آيو آهي تہ مولوي جان محمد پڻ پنهنجي هڪ رسالي "ذوالفقار" ۾ انهي واقعي جو انڪار ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن صاحب کي اهو رسالو ملي تہ قيمت سان دفتر الهمايون موڪلي ڏي اسين ان واقعي هڏڻ شرط رسالي جي ملڻ لاءِ ڪوشش ڪئي مگر نہ ملي سگهيو. بهر حال هن وقت ضرورت آهي جو شيعہ مذهب جي مستند حديثن جي ڪتابن مان هن ڳالهہ تي ڪافي ڪان زياده روشني وڌي وڃي، حضرت علي جي ڌيءُ حضرت امام حسن حسين جي سڳي ڀيڻ بي بي ام ڪلثوم حضرت عمر رضي الله جي نڪاح ۾ هئي پوءِ شيعہ ڪٿي غصب جي نسبت ڏين يا ڪا ٻي، مٿي ذڪر ڪيل عبارتون اگرچہ ڪافي هيون "مگر دزد را تابہ خانہ باید رسانید" جي قول تي عمل ڪري شيعہ ڪتب مان ٻيون حديثون نقل ڪجن ٿيون.

شيعن جي مستند ڪتاب حديث "تهذيب الاحڪام" صفحہ 380 ۾ هي روايت آهي تہ "عن جعفر عن ابيه قال ماتت ام كلثوم بنت علي و ابنها زيد ابن عمر ابن خ ـاب في ساعة واحدة" هن حديث تہ شيعن جو ناطقو بند ڪري ڇڏيو ۽ صاف اعلان ڪيائين تہ بي بي ام ڪلثوم حضرت علي جي ڌيءُ هئي ۽ بي بي صاحبہ کي حضرت

عمر مان هڪ ٻار زيد نالي ڄائو هو ۽ ٻئي ماءُ پٽ هڪ ڏينهن فوت ٿيا هئا.

اهڙي طرح هڪ ٻي حديث فروع ڪافي جلد 2 صفحه 311 ۽312 ۾ بيان ٿيل آهي: "عن سليمان بن خالد قال سئلت ابا عبدالله عليه السلام عن امراة توفي عنها زوجها اين تعتد في بيت زوجها او حيث شائت قال بل حيث شائت ثم قال ان عليا صلوات الله عليه كلمات عمر اتي ام كلثوم بيدها فاذ لمق بها الى بيته".

هن حديث ۾ ته اها ڳالهه به ثابت ٿي وئي جو بي بي ام ڪلثوم پنهنجي پيءُ حضرت علي جي مرضي سان حضرت عمر جي نڪاح ۾ آئي جيڪڏهن پيءُ جي مرضي کان سواءِ حضرت عمر جي گهر ۾ رهي ها ته حضرت علي پنهنجي گهر ۾ عدت ويهڻ لاءِ هرگز نه وٺي اچي ها.

حضرت عمرؓ ۽ حضرت بي بي ام ڪلثوم جي نڪاح بابت تاريخي ثبوت

زياده ثابتي لاءِ ڏسو ڪتاب "تاريخ طراز مذهب مظفري" جنهن جو مصنف شيعه مذهب جي وڏي مؤرخ صاحب ناسخ التواريخ جو پٽ آهي ۽ ايراني سلطنت جو رڪن اعظم هيو انهي ڪتاب " تاريخ طراز مذهب مظفري" ۾ هڪ خلاصو باب هن عنوان سان لکيو آهي:

"ام ڪلثوم جو نڪاح ڪرائڻ عمر بن الخطاب سان"

اهو باب صفحه 47-48 تائين هليو آهي ان ۾ لکيو اٿس ته جناب حضرت بي بي ام ڪلثوم حضرت فاطمة الزهراء جي ڌيءُ عمر بن خطاب جي نڪاح ۾ هئي ۽ ان کان هڪ فرزند (زيد نالي) به ڄائو هوس، وري عمر رضي الله عنه جي مقتول ٿيڻ کان بعد محمد بن جعفر بن ابي طالب (حضرت علي جي ڀائيٽي) جي نڪاح ۾ آئي هيٺ جنسي ڪتاب جي عبارت نقل ڪجي ٿي.

"جناب ام کلثوم دختر فاطمة الزہرا در سرائی عمر ابن الخطاب بود وازوی فرزند بیاورد چنانکہ مذکور گشت وچون عمر مقتول شد محمد بن جعفر بن ابی طالب اورا در حبالہ نکاح آورد".

انهي عبارت جو مطلب مٿي گذري چڪو آهي،اهڙين ثابتين هوندي شيعن جو انڪار ڪرڻ سچ کي تري هيٺان لڪائڻو آهي.

شيعه آل رسول جا منڪر آهن

انهي تاريخ ۾ هي بحث به آندو اٿس ته حضرت بي بي ام ڪلثوم ۽ بي بي زينب جي اولاد کي آل رسول نه چئبو ۽ نه انهن جي نسبت رسول الله ﷺ ڏي ڪبي باقي امام حسن ۽ حسين اولاد جي نسبت رسول الله ڏي ٿيندي جناب فاطمة الزهراء جي ڌيئرن جي اولاد کي آل رسول نه چئبو. هي آهي شيعن جي آل رسول سان محبت صدق

الله العلي العظيم في حق اليهود النصارا "يؤمنون ببعض الكتاب و يكفرون ببعض" هكذا عقيدة الشيعة في آل رسول".

انهي ڪتاب تاريخ طراز مذهب جي عبارت هي آهي: " فرزندان فاطمه برسول خدا منسوب و اولاد حسن و حسین بایشان و آنحضرت صلی الله علیه وسلم و آله منسوب باشند و فرزندان خواهران ایشان زینب خاتون و ام کلثوم به پدران خود عبدالله بن جعفر و عمر بن الخطاب نسبت برده نه بمادر و نه برسول خدا صلی اللہ علیہ وسلم و آله زیرا که ایشان فرزندان دختر بنت آنحضرت اند نه فرزندان دخترش".

خلاصو مطلب هي ٿيو ته حضرت فاطمة الزهراء جي نياڻين جي اولاد کي آل رسول نه چئبو.

ائمہ اهلبيت تي شيعن جي تبرا

شيعہ صاحبان ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ آل رسول ۽ ائمہ اهل بيت جي محبت جي وڏي لمبي چوڙي دعويٰ ڪندا آهن مگر حقيقت هن ريت آهي تہ ڪو بہ اهل بيت رسول شيعہ مذهب جي خود ساختہ فاسد عقيدن جي برخلاف ويندو تہ ان تي خوب گارين جو وسڪاررو وسائي تبرا بازي جي بازار گرم ڪندا آهن ۽ ايترو بہ خيال نہ ڪندا آهن تہ ائمہ اهل بيت رسول صلی اللہ علیہ وسلم تي تبرا ڪرڻ يزيد پليد جي ياد کي تازه ڪرڻ آهي.

شيعن جي ڪتاب حق اليقين اردو صفحه 636 ۾ شيعن جو علامه باقر مجلسي لکي ٿو ته خلفاءِ "اسماعيليه" ۽ "زيديه" تي تبرا ڪرڻ واجب آهي ڇو جو انهن امامت جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي.

خلفاءِ زيديه حضرت زيد بن امام زين العابدين جي اولاد آهن انهي حضرت زيد پنهنجي پيءُ حضرت امام باقر جي خلاف امامت جي دعويٰ ڪئي هئي ۽ ڪوفي جي شيعن ان کي خط لکي امامت لاءِ تيار ڪيو هو ۽ پوءِ ڦري ويا. ڏسو اصول ڪافي صفحه 424. ۽ حضرت اسماعيل بن حضرت امام جعفر صادق جي اولاد کي اسماعيليه چوندا آهن جو انهن به امامت جي دعويٰ ڪئي.

اهلسنت وارا سيني کي اولاد رسول ۽ واجب التعظيم ڄاڻندا آهن مگر شيعه ڪلي طرح انهن تي تبرا ڪندا آهن شيعن جي ڪتاب جا الفاظ هي آهن.

"بلکہ خلفاءِ اسماعیلیہ اور زیدیہ سے بھی بیزاری (تبرا) واجب ہے کیوں کہ انہوں نے بھی امامت کا جھوٹا دعویٰ کیا۔ حق اليقين صفحه 636.

هاڻي مسلمان پاڻ انصاف ڪن ته حضرت علي جي شيعن کان نه اولاد علي (اهلبيت) بچي سگهي آهي نه صحابه ڪرام.

شعر

صوفی ورند ہیں دونوں تیری غمزی سے تباہ
خانقاہ گرچہ ہے ویران تو خرابات خراب

ناظرين ڪرامن جي معلومات وڌاڻ لاءِ شيعه مذهب جي مستند ڪتاب ”احتجاج طبرسي“ مطبوع ايران جنهن جي مصنف شيخ احمد بن ابي طالب طبرسي ڪتاب جي ديباچي ۾ لکيو آهي ته انهي ڪتاب (احتجاج) ۾ امام حسن عسڪري ڪان سواءِ ٻين امامن جون روايتون بيان ٿيل آهن انهن تي اجماع آهي ته اهي روايتون يا عقل جي موافق آهن يا ته ڪتب سير ۽ تاريخ ۾ انهن جي ايتري شهرت آهي جو انهن روايتن تي موافق ۽ مخالف متفق آهن.

انهي ڪتاب جي صفحه 285 ۾ اهلبيتن تي تبرا ڪرڻ بابت هيٺيان الفاظ ذڪر ٿيل آهن.

”اولا يرون ان الامامية لا يلتفت الى من خالفها من العترة و حاد من جادتها فى الديانة و محجتها فى الولاية ولا تسمع له به شئ من المدح والتعظيم فضلا عن غايته واقصى نهايته بل تبرا منه و تعاديه و تجريهه فى جميع الاحكام مجرى من لا نسب له ولا قرابة ولا علقة“.

يعني ڇا اهي ماڻهون نه ٿا ڏسن ته شيعه اماميه اهڙي اولاد رسول ڏي خيال ئي نه ڪندا آهن جو امامين (شيعن) جي برخلاف هجي ۽ امامت واري مسئلي ۾ شيعن جي واٽ برخلاف وڃي، شيعه اماميه اهڙي اولاد رسول جي تعريف ۽ تعظيم نه ڪندا آهن. تعريف ۽

تعظيم جي بجاءِ خود اهڙي اولاد رسول تي شيعه تبرا ڪندا آهن ۽ ان سان دشمني رکندا آهن اهڙي آل رسول لاءِ شيعه اهڙا حڪم جاري ڪندا آهن جهڙا ان شخص لاءِ جنهن جو نسب رسول خدا سان نه ملندو هجي ۽ نه رسول خدا سان ان جو ڪو تعلق ۽ قرابت هجي.

انهن عقيدن جي آڌار تي شيعن جو مجتهد علي حائري لاهوري پنهنجي فتاويٰ ۽ پنهنجي رسالي "اظهار حقيقت" ۾ اسان جي آقا تاج الاولياء جگر گوشه حضرت فاطمه الزهرا سيد السادات محبوب سبحاني غوث اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني البغدادي جي سيادت ۽ نسب جو انڪار ڪيو آهي ۽ دل کولي پنهنجي اندروني بغض جا بخار ڪڍيا اٿس اڄ ڪلهه سنڌ جا شيعه به ڪلم ڪلايو حضرت پيران پير سيد عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي برخلاف سخت گستاخانه حمله ڪري اهلسنت جي دلين ڪي صدمو پهچائيندا آهن.

شيعه صاحبن جي ڪاوڙ فقط انهي ڪري آهي جو حضرت غوث الثقلين وسيلتنا في الدارين پنهنجي مشهور ڪتاب "غنية الطالبين" صفحه 68-69 ۾ اميرمعاويه رضي الله عنه بنسبت شيعن جي ناپاڪ حملي جي ترديد ڪري پنهنجي حسن ظن جو اظهار

فرمايو آهي. اهو حسن ظن خاص انهي ڪري آهي جو حضرت سيدنا امام حسن رضي الله عنہ امير معاويہ سان صلح ڪري ان کي پنهنجو اسلامي بادشاھ تسليم ڪيو آهي ۽ شيعن جي دوستي کان امير معاويہ رضي الله عنہ جي دوستي پنهنجي لاءِ پسند ڪئي اٿس.
ڏسو علامہ باقر مجلسي جو ڪتاب جلاءُالعيون مترجم اردو صفحہ 276 جنهن ۾ سيدنا امام حسن رضي الله عنہ شيعن لاءِ هيٺيان الفاظ فرمايا آهن.

”بخدا سوگند اس جماعت سے میری لئے معاویہ بہتر ہے یہ لوگ دعویٰ کرتے ہیں کہ ہم شیعہ ہیں اور میرا ارادہ قتل کیا اور میرا مال لوٹ لیا بخدا اگر میں معاویہ سے عہد لوں اور اپنا خون حفظ کروں اور اپنی اہل و عیال میں ایمن ہو جاؤں اس سے بہتر ہے کہ یہ لوگ مجھے قتل کردیں اور میرے اہل و عیال و عزیز و اقارب ضایع ہو جاوے بخدا سوگند اگر میں معاویہ سے جنگ کروں یہی لوگ (شیعہ) مجھے اپنے ہاتھ سے پکڑ کر معاویہ کو دیدیں“۔

شيعہ صاحبان سيدنا امام حسن رضي الله عنہ کان انهي ڪري رنجيده خاطر آهن جو امير معاويہ رضي الله عنہ کي پنهنجي لاءِ چڱو سمجهيائين ۽ شيعن کي پنهنجو دشمن ڄاڻائين اهو ئي سبب آهي جو شيعہ امام حسن رضي الله عنہ جي لاءِ ماتم نہ ڪندا آهن ۽



انهي جي لاءِ ڪا يادگار نہ ملهائيندا آهن ۽ نہ سندس اولاد لاءِ ڪا محبت شيعن جي دلين ۾ آهي بلڪ زبان تي سندس اولاد جو نالو ئي نہ ڪٽندا آهن. سيدنا امام حسن جو جرم فقط هي هيو جو امير معاويہ سان صلح ڪري ان کي پنهنجو اسلامي خليفو تسليم ڪيائين ۽ اهل اسلام جي حالت تي رحم ڪري جنگ ڪرڻ کي چڱو نہ سمجهيائين.



حضرت علي ڪرم الله وجهه
جو قطعي فيصلو

شيعه صاحبن کي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي فيصلي تي غور ڪرڻ گهرجي جو حضرت علي علي الاعلان پنهنجن خطن جي ذريعي ملڪن ۾ اعلان ٿو ڪرائي امير معاويه ۽ سندس لشڪر جنهن اسان سان "صفين" واري جنگ ۾ مقابلو ڪيو آهي، ايماندار آهي اسين انهن کان ايمان ۾ وڌ نه آهيون ڇو جو رب اسان جو هڪ آهي، نبي اسان جو هڪ آهي ۽ اسلامي دعوت ۾ هڪ آهيون الله تعاليٰ ۽ سندس رسول جي تصديق ڪرڻ ۾ هڪجهڙا آهيون انهن سيني ڳالهين ۾ اسين انهن کان وڌيڪ نه آهيون. فقط (حضرت عثمان رضي الله عنه) جي خون بابت اختلاف آهي جو اسين قتل عثمان کان بري آهيون انهي قطعي فيصلي لاءِ ڪتاب "نهج البلاغة" جا شيعن وٽ نهايت معتبر ڪتاب آهي ۽ حضرت علي جي خطبن ۽ فرمانن جو مجموعو آهي جلد 2 صفحه 151 مطبوعه مصر جا بعينه الفاظ پيش ڪرڻ ضروري آهن.

"و من كلام له عليه السلام كتبه الىٰ اهل الامصار يقتص فيه ما جرىٰ بينه و بين اهل الصفين و كان بدأ امرنا انا التقينا والقوم من اهل الشام

الظاهران ربنا واحد و نبينا واحد و دعوتنا في الاسلام واحد ولانستزيد هم في الايمان بالله والتصديق برسوله ولا يستزيدوننا الامر واحد الا ما اختلفنا فيه من دم عثمان و نحن منه براء''۔

پوري عبارت جو ترجمو ۽ مطلب مٿي گذري چڪو آهي.

ڪتاب نيرنگ فصاحت ترجمو اردو نهج البلاغة صفحہ 467 ۾ ساڳي طرح مٿين عبارت جو اردو ترجمو درج ٿيل آهي.

حضرت علي پاڻ ۽ پنهنجي لشڪر کي امير معاويہ ۽ سندس لشڪر کان ايمان ۽ اسلام ۾ زياده نہ ٿو سمجهي ايمان ۽ اسلام جي سيني ضروري احڪامن ۾ امير معاويہ ۽ سندس صفين واري لشڪر کي حضرت علي پاڻ جهڙو ٿو چوي فقط حضرت عثمان جي خون بابت اختلاف آهي جو امير معاويہ پنهنجي اجتهاد ۽ خيال موجب حضرت علي رضي الله عنہ کي قاتلن جو مددگار ٿي سمجهيو. اها امير معاويہ جي اجتهادي غلطي هئي، بهر حال حضرت پيران پير سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليہ جو عقيدو انهي جهڳڙي بابت بعينہ حضرت علي جي فيصلي جي مطابق آهي جيڪي شخص پاڻ کي حضرت علي رضي الله عنہ جو دوست سمجهندا آهن انهن کي پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن تي شرم اچڻ گهرجي۽ سيدنا و سيد

السادات حضرت علي ڪرم الله وجهه جي قطعي فيصلي جي آڏو سر تسليم خم ڪري سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي ذات پاڪ تي گستاخانه حملا نه ڪن.

بهرحال شيعن جي آل رسول سان محبت واري ڪوڙي دعويٰ سندن ئي ڪتابن مان آفتاب وانگر ظاهر ٿي وئي.



امام زين العابدين تي شيعن جو بهتان
يزيد کي خليفو تسليم ڪيائين

هڪ طرف ته شيعه امام حسن رضي الله تعاليٰ عنه کان انهي ڪري رنجيده خاطر آهن جو امير معاويه صحابي رضي الله عنه سان صلح ڪيائين جنهن ڪري ان جي اولاد کي امامت جي لائق ئي نه سمجهندا آهن ته ٻئي طرف امام حسين جي فرزند رشيد سيدنا امام زين العابدين رضي الله عنه جي لاءِ هن ڳالهه کي به تسليم ڪندا آهن جو امام زين العابدين پنهنجي والد جي خلاف يزيد پليد جهڙي شقي ازلي جي بيعت ڪئي آهي ۽ ان کي پنهنجو اسلامي بادشاهه تسليم ڪيو آهي حالانڪ سندس والد سيدنا امام حسين عالي مقام رضي الله عنه پاڻ ۽ پنهنجي ڪٽنب کي شهيد ڪرائڻ قبول ڪيو پر يزيد پليد جهڙي شقي ازلي جي بيعت قبول نه ڪيائين وري عجب جهڙي ڳالهه شيعن جي هي آهي ته حضرت امام حسن رضي الله عنه هڪ اصحابي رسول ﷺ سان صلح ڪيو ته سندس اولاد کي سندس امامت کان خارج ڪيو ويو. سيدنا امام زين العابدين يزيد جي بيعت ڪئي ته ان کي ۽ سندس اولاد کي امام تسليم ڪيو ويو شيعن جي دورنگي چال خبر ئي نه ٿي پوي بهرحال ڪتاب فروع ڪافي جلد 3 روضه ڪافي صفحه 110 کان امام زين العابدين جي بيعت واري عبارت پيش ڪجي ٿي.

"فقال له علي بن الحسين عليهما السلام قد اقررت لک بما سالت انا عبد مکره لک فان شئت فامسکه و ان شئت فبع فقال له يزيد لعن الله اولیٰ لک حقنت دمک و لم ينقصه ذالک من شرفک".

يعني امام زين العابدين يزيد کي چيو جو مون تنهنجي خلافت کي تسليم ڪيو آئون تنهنجو مجبور غلام آهيان خواهه پاڻ وٽ جهلين يا خواهه وڪڻين يزيد مردود چيو تون چڱو ڪيو جو پنهنجي جان بچائي ۽ تنهنجي شرف کان ڪجھ گهٽ نہ ٿيو.

شيعن جو اندروني راز

شيعہ چوندا آهن تہ اهلسنت وارا يزيد پليد کي پنهنجو خليفو تسليم ڪندا آهن اهلسنت ڪڏهن بہ اهڙي مردود کي خليفو برحق تسليم نہ ڪندا آهن حالانڪ شيعہ ئي آهن جو حضرت امام زين العابدين کي يزيد مردود جي بيعت جو قائل ۽ ان کي يزيد جي غلامي جو اقرار ڪندڙ ثابت ڪندا آهن.

ان هذا الا بهتان عظيم



خلفاء ثلاثہ سان رسول مقبول جا گهرا تعلق

جيڪڏهن شيعن جي عقيدي موجب اصحاب ثلاثہ (حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان ذوالنورين رضي

الله عنهم) منافق ۽ ڪافر هيا ته پوءِ حضور ﷺ پنهنجون ٻه ڌيئرون حضرت عثمان کي ڇو ڏنيون هيون ۽ حضرت ابو بڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق جون نياڻيون پنهنجي نڪاح ۾ ڇو آنديون؟ حالانڪ ان وقت قرآن شريف ۾ هي حڪم نازل ٿي چڪو هو ته ڪافرن کي پنهنجون ڌيئرون نڪاح ۾ نه ڏجن ۽ نه ڪافرن کان سنگ وٺڻ گهرجن.

بعضي چالباز شيعه حضور ﷺ جي زنانه اولاد سيده فاطمة الزهراء کان سواءِ ٻين ڌيئرن جو انڪار ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته جڏهن سيده فاطمه کان سواءِ ٻي زنانه اولاد حضور ﷺ کي نه هئي پوءِ حضرت عثمان جو نڪاح اولاد رسول سان ڪيئن ٿيو؟. تنهن ڪري ضرورت آهي ته اولاد رسول جي منڪر شيعن کي سندن ئي مذهب جا معتبر ڪتاب پيش ڪري انهي حقيقت تي پوري روشني وجهجي.

اول ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهه جو قول ڪتاب نهج البلاغة مان پيش ڪري تنهن کان بعد ٻي تحقيق شروع ٿيندي ڪتاب نهج البلاغة قسم اول مطبوع مصر صفحه 383 ۾ آهي ته"ما اعرف شيئا نجهله و الا دلک على شئ لا تعرفه انک لتعلم ما سبقناکه الى شئ فنخبرک عنه والا خلونا بشئ فنبلغه وقد رايتک رعينا و عت کما عنا و صحبت رسول الله کما صحبنا و ما ابن قحافه ولا ابن الخ اب اولى بعمل

الحق منک انت اقرب الی رسول الله ﷺ في رحم منها و قد نلت من صهره مالم ينالا".

حضرت علي حضرت عثمان ذوالنورين کي روبرو فرمائي ٿو تہ آئون اهڙي ڪا ڳالھ نہ ڄاڻندو آهيان جا تون نہ ڄاڻندو هجين ۽ نہ ئي آئون ڪا اهڙي ڳالھ ڏسي سگھندس جو جا تون نہ ڄاڻندو هجين. بيشڪ جيڪو ڪجھ آئون ڄاڻندو آهيان تون بہ ڄاڻندو آهين، جھڙو تو ڏٺو اسان بہ ڏٺو، جھڙو تو ٻڌو اسان بہ ٻڌو ۽ رسول الله جي صحبت جھڙو تو لڌي اسان بہ لڌي ابو بڪر صديق ۽ عمر ابن خطاب تو کان حق تي عمل ڪرڻ ۾ وڌيڪ نہ هئا تون رسول الله ﷺ جو ويجهو رشتيدار ۽ مائٽ آهين، ابوبڪر ۽ عمر تمام ويجها مائٽ نہ هئا تون رسول الله جي ناٺي هجڻ دامادي واري شرف کي پهتو آهين ۽ اهي ٻئي انهي شرف کي نہ پهتا".

اهڙي طرح ڪتاب نيرنگ فصاحت ترجمو نهج البلاغة جي صفحي 236 ۾ لکيل آهي، ۽ شيعن جي علامہ باقر مجلسي پنهنجي مشهور ڪتاب "حيات القلوب" جلد 2 مطبوع نولڪشور لکنئو صفحہ 219 ۾لکي آهي تہ: "دختر رسول خدا دويم رقيہ بود در مدينہ عثمان تزويج نمود و عبد الله از و بوجود آمد و در کوه کہ مر د و رقيہ در مدينہ برحمت ايزدي واصل شد".

سوم ام کلثوم و اورا نيز عثمان بعد از رقيہ تزويج نمود و گويند کہ در سال هفتم هجرت برحمت ايزدي واصل شد.

اگرچہ ملا باقر مجلسي حضرت عثمان ۽ ٻين اصحابن سڳورن تي لعنتون وسائي پنھنج خباثت جو پورو ثبوت ڏنو آھي مگر حضور ﷺ جي صاحبزادين جي نڪاح بابت انڪار نہ ڪيو اٿس شيعن جي معتبر ڪتابن مان آفتاب وانگر ھي ڳالھ روشن آھي تہ حضرت عثمان ذوالنورين جو نڪاح سيد الانبياء محمد رسول الله ﷺ جي ٻن صاحبزادين سان ٿيو آھي ۽ حضرت علي نھج البلاغة ۾ حضرت عثمان کي علم ۽ صحبت رسول ﷺ واري شرف ۾ پاڻ جھڙو ٿو چوي ۽ دامادي رسول الله ﷺ (ناتي ھجڻ) واري شرف ۾ بہ پاڻ جھڙو ٿو تسليم ڪري.

افسوس جو شيعہ صاحبان پنھنجي فاسد عقيدي موجب حضرت علي جي ھم زلف حضرت نبي ڪريم ﷺ جي داماد حضرت عثمان کي منافق ۽ ڪافر چوندا آھن (نعوذ بالله من ھذه العقيدة الخبيثة) حقيقت ۾ اھو حملو حضور ﷺ جي ذات پاڪ تي آھي ۽ ڇا حضور ﷺ قرآن شريف جي حڪم جي خلاف پنھنجون صاحبزاديون حضرت عثمان کي ڏنيون؟. جنھن کي شيعہ مسلمان ئي نہ سمجھندا آھن ڪي شيعہ وري تاويل گھڙيندا آھن تہ حضور ﷺ پنھنجون صاحبزاديون ڪافرن کي بہ ڏنيون آھن تہ پوءِ داماد رسول ﷺ ۾ ڪھڙو شرف آھي؟ اھڙن عقلن جي انڌن جاھل شيعن کي معلوم ٿيڻ گھرجي تہ شيعن جي ڪتاب حيات القلوب مان مٿي

ثابت ٿي چڪو آهي تہ حضرت عثمان جا نڪاح يڪي بعد ديگري مديني ۾ ٿيا آهن جو ان وقت هي خدا وندي حڪم نازل چڪو هو تہ ڪافرن منافقن جو نڪاح مسلمان عورتن سان نٿو ٿي سگهي ۽ مٿي ثابت ٿيو تہ حضرت عثمان کي حضرت علي دامادي واري شرف ۾ پاڻ جهڙو ٿو چوي، جيڪڏهن بقول شيعہ حضرت عثمان جو اسلام ثابت نہ آهي تہ پوءِ شرف ڪهڙو چئبو؟. شرم!

جيڪڏهن رسول جي دامادي ۾ شيعن وٽ ڪو شرف ۽ فضيلت نہ آهي تہ حضرت علي جي فضيلت لاءِ شيعت وٽ دامادي رسول خدا کان وڏيڪ ٻي ڪهڙي فضيلت آهي عجب آهي جو شيعہ دامادي رسول وارو شرف حضرت علي جي لاءِ باعث فخر سمجهندا آهن ۽ انهي ڪري حضرت علي جو درجو رسول خدا کان بہ وڌائيندا آهن جيئن تہ هڪ شيعي جو شعر آهي.

نبی سے میں علی کو یوں تو افضل کہہ نہیں سکتا
مگر اپنے سے بہتر دیکھ کر داماد کرتے ہیں

آل رسول سان شيعن جي دشمني

رسول الله جي نياڻين تي شيعن جا ناپاڪ حملہ

يؤمنون ببعض و يڪفرون ببعض جو نظارو

رسول خدا جي نياڻين جو حال ٻڌو جن کي شيعہ رسول خدا جي اولاد ۾ شامل ئي نہ ڪندا آهن. جيئن تہ شيعہ چوندا آهن تہ رسول خدا کي

حضرت فاطمہ کان سواءِ ٻي ڪابہ نياڻي نہ هئي جيڪي نياڻيون عام ماڻهون رسول خدا جي اولاد ۾ شامل ڪندا آهن سي سندن سڳيون ڌيئرون نہ هيون پر جن رنن زالن عورتن سان حضور شادي ڪئي هئي تن ڪي اڳين مڙسن مان هيون جيئن تہ تحفة الاشعريہ مطبوع مطبع يوسفي دهلي مقصد ٻيو صفحہ 5 ڪان 7 تائين مفت انهي بحث ۾ 3 صفحہ ڪارا ڪيا آهن، آخر اها ڳالھ ثابت ڪئي اٿس تہ رسول خدا ﷺ کي سواءِ حضرت فاطمہ جي ٻي ڪابہ اولاد ڪانہ هئي، ٻيون ڌيئرون سندن عورتن کي ٻين مڙسن مان هيون فقط رسول خدا جي گهر ۾ پرورش لڌي هوائون تنهن ڪري عام ماڻهون انهن کي رسول خدا جون ڌيئرون چون ٿا ۽ پنهنجي ڪتابن ۾ لکيو اٿن تہ رقيہ ۽ ام ڪلثوم ۽ بي بي زينب خديجہ کي اڳين مڙسن مان هيون جنهن سان بي بي حضور جن کان اڳي نڪاح ڪيو هوحضور جن فقط انهن جي پالنا ڪئي هئي پر سندن سڳيون ڌيئرون نہ هيون ڪن وري چيو آهي تہ اهي ٻئي حضرت بي بي خديجہ جون ڌيئرون هيون.

حاصل الڪلام سيئي اڄوڪا شيعا انهي ڳالھ تي متفق آهن تہ حضرت فاطمہ ڪانسواءِ حضور جن کي ٻي ڪابہ صاحبزادي ڪانہ هئي پاڻ ان جو جواب ٻڌو.

شيعن جي معتبر تفسير عمدة البيان جلد ٽيون صفحہ 74:

”يا ايها النبي قل لازواجک و بناتک و نساء المؤمنين يدنين عليهن من جلابيهن“۔

ترجمو: اي پيغمبر تون پنهنجي بي بين کي ۽ پنهنجي ڌيئرن ۽ مؤمن جي زالن کي چئو ته نزديڪ ڪن يعني پاڻ چادرون ڍڪين.

هائي مٿئين ڪلام پاڪ ”بناتک“ جي لفظ مان معلوم ٿئي ٿو ته رسول خدا کي ٻن نياڻين کان وڌيڪ نياڻيون هيون ڇاڪاڻ ته ”بناتک“ صيغہ جمع جو آهي جيڪڏهن کين فقط هڪ نياڻي هجي ها ته خدا تعاليٰ لفظ ”بناتک“ هر گز نه فرمائي ها فقط بنت فرمائي ها پلا اهو ڪيئن ٿي سگهندو جو هڪ جي واسطي صيغو جمع جو ڳالهايو وڃي ”بناتک“ جي لفظ مان ايئن معلوم ٿو ٿئي ته حضور جن کي هڪ نياڻي نه هئي ٻن کان وڌيڪ هيون.

قرآن شريف کان بعد شيعه ڪتابن ۾ حضور انور جو قول موجود آهي

جيئن ته ڪتاب الخصال جلد دوم صفحہ 37-38 ۾ حضور صلى الله عليه وسلم جو ارشاد درج ٿيل آهي: ”وان خديجة ولدت منى طاهراً و هو عبدالله وهو الطاهر و لدت منى القاسم و فاطمة و رقية و ام كلثوم و زينب“۔

يعني خديجه کي مون کان طاهر پيدا ٿيو جو عبدالله ۽ طاهر آهي ۽ مون کان ڄڻيائين قاسم ۽ رقيه ۽ ام ڪلثوم ۽ زينب کي .

ڪتاب تذڪرة المعصومين صفحہ 3 ۾ لکيل آهي تہ نبوت کان اڳ ۾ قاسم ۽ رقيہ ۽ ام ڪلثوم پيدا ٿيا ۽ نبوت کان بعد ۾ طيب- طاهر ۽ فاطمہ پيدا ٿيا.

وري حيات القلوب جلد 2 صفحہ 130 ۾ لکيل آهي تہ رسول خدا فرمايو تہ خدا خديجہ تي رحمت نازل ڪري جنهن طاهر ۽ مطهر مون مان پيدا ڪيا (عبدالله ۽ قاسم ۽ رقيہ ۽ فاطمہ ۽ زينب ۽ ام ڪلثوم رضي الله عنهم) اهي سڀ ان مان پيدا ٿيا هئا. وري صفحہ 19 ۾ لکيل آهي تہ اولاد رسول خدا جيڪا خديجة الڪبريٰ کان ٿي پيدا ٿي هئي اهي هي آهن عبدالله، طاهر، قاسم، زينب، ام ڪلثوم، رقيہ حضرت فاطمہ رضي الله عنهم.

وري ڏسو ڪتاب اصول ڪافي بحث الحجة باب مولد النبي جو صفحو 278 ۾ لکيل آهي : ''و تزوج خديجة وهو ابن بضع و عشرين سنة تولد منها قبل مبعثه القاسم و رقية و زينب و ام كلثوم رضى الله عنهن و ولد له بعد المبعث الـ يب والـ اهر والفاطمه عليها السلام''۔

حضور ﷺ حضرت خديجہ سان نڪاح ڪيو ان وقت سندن عمر 20 سالن کان ٿورو وڌي هئي ۽حضور جن کي حضرت خديجہ کان سندن بعثت کان اڳ ۾ قاسم، رقيہ ۽ ام ڪلثوم رضي الله عنهم پيدا ٿيا ۽ بعثت کان پوءِ طيب، طاهر ۽ حضرت فاطمہ پيدا ٿيا.

هاڻي انهن شيعن جي روايتن مان معلوم ٿيو ته حضور جن کي 4 نياڻيون هيون پر حضرت فاطمه کان سواءِ باقي ٽن نياڻين جي باري ۾ شيعن جو چوڻ آهي ته اهي رسول خدا جو نياڻيون نه آهن؟ سو هي رسول خدا ۽ سندن صاحبزادين تي ڪيتري قدر نه بهتان ۽ ناپاڪ حملا آهن جو ته رسول خدا جي اولاد کي ڪافرن جي اولاد چوڻ ڪيڏو نه مردود حملو آهي. هي آهن شيعن جي ڪوڙي محبت جا مردود ڪارناما جيڪڏهن ڪنهن شخص کي چئجي ته تون پنهنجي پيءُ جو پٽ ئي ناهين ۽ ڪنهن ٻي شخص سان نسبت ڏني وڃي ته ان کي ۽ سندن والدين کي ڪيتري قدر نه رنج پيدا ٿيندو. پوءِ جنهن مسلمان جي اولاد کي ڪافر سان نسبت ڏني وڃي جيئن جو شيعا چون ٿا ته اهي نياڻيون حضرت خديجه اڳين مڙسن مان هيون (هي رسول الله ۽ سندس پاڪ اولاد لاءِ سخت گار آهي) استغفروا لله هي ڪيڏو نه ظلم آهي جو حضور ﷺ جي پاڪ اولاد کي ڪافرن جي اولاد چيو وڃي. رسول الله ﷺ ته اعليٰ آهن پر ڪنهن مسلمان کي جيڪڏهن ڪافر سان نسبت ڏني وڃي ته هو اها ڳالهه هرگز سهي نه سگهندو. هاڻي يقين سان معلوم ٿيو ته شيعا انهن اجاين طوفانن سبب اولاد رسول جا سخت دشمن آهن هاڻي ناظرين جي اڳيان اها ڳالهه پيش ڪجي ٿي ته انهن نياڻين جون شاديون ڪهڙن شخصن سان ٿيون.

حضور ﷺ جي وڏي نياڻي حضرت بي بي زينب رضي الله عنها جي شادي ابو العاص بن ربيعہ سان ٿي جنهن مان کيس هڪ نياڻي "امامہ" پيدا ٿي جنهن جي شادي حضرت فاطمہ جي وفات کان بعد حضرت علي رضي الله عنہ سان ٿي، ۽ حضرت علي جي شهادت کان بعد مغيره بن نوفل سان ڪئي وئي. جيئن تہ شيعن جي علامہ باقر مجلسي پنهنجي ڪتاب حيات القلوب جلد 2 مطبوع نولڪشور 1334 هجري مطابق 1916 عيسوي صفحہ 718 ۾ لکيو آهي ۽ حضور ﷺ جن جي ٻي نياڻي بي بي رقيہ جو نڪاح مڪہ ۾ عتبہ بن ابو لهب سان ٿيو پر ان عتبہ دخول کا اڳي ئي طلاق ڏني تنهن کان پوءِ حضور ﷺ سندن نڪاح حضرت عثمان رضي الله عنہ سان ڪرايو جنهن مان "عبدالله" پيدا ٿيو. ٽين نياڻي ام ڪلثوم جي شادي بي بي رقيہ جي وفات کان بعد حضور ﷺ حضرت عثمان سان ڪئي. جنهن ڪري ئي اهلسنت کيس عثمان ذي النورين (ٻن نورن جو مالڪ) چوندا آهن. جيئن ڪتاب حيات القلوب جي جلد 2 صفحہ 719 ۾ اهو واقعو لکيل آهي ۽ حضور جن جي چوٿين نياڻي حضرت بي بي فاطمہ جي شادي علي المرتضيٰ سان ٿي جيڪو عام مشهور آهي ۽ رقيہ ۽ ام ڪلثوم جو نڪاح حضرت عثمان سان ٿيوانهي مٿين ڪتاب جي صفحي 450 ۽ 907 ۾ ثابت آهي ۽ بي بي زينب رضي الله عنها جو نڪاح ابو العاص سان ٿيو انهي ڪتاب

جي صفحه 525-629-244 ۾ لکيل آهي. هاڻي ثابت ٿيو ته اهي صاحبزاديون حضور ﷺ جن جو سڳيون نياڻيون آهن ۽ انهن جا نڪاح اصحابن سان شيعن جي ڪتابن مان پورا پورا ثابت ٿي چڪا آهن اهڙين ثابتين کان پوءِ به اڄوڪي شيعن جو آل رسول کان انڪار ڪرڻ جڻ ڪلي طرح آل رسول سان دشمني جو ثبوت ڏيڻ آهي. ڪاش اڄ به شيعا صاحبان پنهنجي فاسد عقيدن کان توبه ڪري اهلسنت وانگر آل رسول کي مڃين.

حضرت علي جو فيصلو ته اهل سنت حق تي آهي

حضرت علي ڪرم الله وجهه جو قطعي فيصلو شيعن جي ئي ڪتاب نهج البلاغة جلد اول صفحه 299 ۾ آهي ته به ٽولا منهنجي ڪري جهنم ۾ ويندا. هڪ ٽولو جو دوستي جي آڙ ۾ مون کي حق کان وڌائي ناحق ڏي نسبت ڪندو ۽ ٻيو ٽولو جو منهنجي دشمني ڪري ناحق ڏي پهچندو چڱو ٽولو اهو آهي جو درمياني روش وٺي. اوهان مسلمانن کي لازم آهي ته انهي وڏي ٽولي درمياني روش اختيار ڪندڙ جي تابعداري ڪريو! ڇو جو خدا تعالیٰ جو رحمت وارو هٿ انهي وڏي جماعت تي آهي جيڪو انهي جماعت کان ٻاهر نڪري ان کي قتل ڪيو اگرچه منهنجي پناهه ۾ اچي

لکي. هاڻي غور ڪرڻ گهرجي تہ حضرت سيدنا علي ڪرم الله وجهه پنهنجي انهي خطبي ۾ اهلسنت و جماعت جي برحق مذهب هجڻ جي تصديق جي مهر لڳائي آهي ۽ ڪلي طرح رافضين ۽ خارجين جي مذهب کي مردود بڻائي ڇڏيو. ڇو تہ خارجي حضرت علي سان دشمني ڪندا آهن ۽ڪافر مشرڪ چوندا آهن۽ شيعہ رافضي وري دوستي جي آڙ ۾ حضرت علي کي اهڙو تہ وڌائيندا آهن جو نبين کان بہ افضل سمجهندا آهن جيئن تہ پنهنجي امامن لاءِ مرڻ جيئڻ جو اختيار ثابت ڪندا آهن ۽ حرام شين کي حلال ڪرڻ ۽ حلال شين کي حرام ڪرڻ بہ امام جي اختيار ۾ چوندا آهن انهن سيني عقيدن جون ڳالهيون شيعن جي معتبر ڪتابن جي صفحہ وار جنسي عبارتن سان سيف الرحمٰن عليٰ اعداءِ القرآن جي ضميمہ ۾ پوري تفصيل سان ملنديون.

اهلسنت وارا حضرت علي کي پنهنجو بادشاھ سمجهندا آهن ۽ حضرت علي سان پوري محبت ڪرڻ پنهنجي نجات جو سبب ڄاڻندا آهن، سيد المرسلين ﷺ جي سچن جانشينن مان چوٿون برحق خليفو ۽ مؤمنين جو تاجدار يقين ڪندا آهن۽ اهلسنت جي

محبت ان مان پيدا ٿي آهي ته حب علي ۽ سني جي لفظ جا عدد هڪ آهن. عدد سني آمد بحب علي.

بهر حال نهج البلاغة جلد اول مطبوعه مصر صفحه 299 واري عبارت هي آهي "سيهلكه فى صنفان محب مفرط تذهب به الحب الى غير الحق و مبغض مفرط تذهب به الغضب الى غير الحق خير الناس فى الحال النمط الاوسط فالزموه والزموا السواد الاعظم فان يد الله على الجماعة و اياكم والفرقة فان الشاذة من الانسان للشيطان كى ان الشاذ من الغنم للذئب الامن دعا الى هذا الشعار فاقلتواه ولو كان تحت عمامى هذا"۔

شيعه صاحبن کي گهرجي حضرت علي رضي الله عنه جي ارشاد تي ٺڏي سيني سان غور ڪن.



حضرات خلفاء ثلاثه جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ هڪ بد معاش يهودي جي تعليم آهي

جيئن ته شيعن جي معتبر ڪتاب اطواق الحماية بحث امامت ۾ سويد بن غفله کان روايت آهي جو راوي چوي ٿو ته آئون هڪ اهڙي گروهه کان لنگهيس جيڪي حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر فاروق جي شان ۾ تنقيص ڪندو هو مون حضرت علي کي اطلاع ڏني ۽

حضرت علي کي چيم تہ جيڪڏهن تون هن گروهہ سان ڳجهي طرح مليل نہ هجين ها تہ انهن کي ايتري گستاخي ڪرڻ جي جرئت نہ ٿئي ها. عبدالله بن سبا يهودي پهريون شخص آهي جنهن اهڙي خباثت شروع ڪئي آهي تنهن تي حضرت علي جواب ڏنو تہ آئون خداوند تعاليٰ کان پناهہ ٿو گهران آئون هن گروهہ کان بيزار آهيان. خدا تعاليٰ حضرت ابو بڪر ۽ عمر تي رحم ڪري تنهن کان بعد منهنجو هٿ وٺي مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ منبر تي چڙهيو پنهنجي سفيد ڏاڙهي مبارڪ کي مٺ ۾ وٺي ايترو رنو جو ڏاڙهي تي ڳوڙها ڪرڻ لڳا تان تہ ماڻهون گڏ ٿيا ۽ هي خطبو شروع ڪيائون تہ انهي گروهہ (ٽولي) جو ڇا حال ٿيندو جو رسول الله جي ٻن ڀائرن رفيقن سندس وزيرن قريشن جي سردارن مسلمانن جي روحاني پيَن ابو بڪر ۽ عمر جي اهانت ڪندا آهن آئون انهي ٽولي کان بيزار آهيان ۽ انهن کي سزا ڏيندس حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر ٻئي رسول الله جا صحابي هيا جو نهايت ڪوشش ۽ وفاداري سان خدائي حڪمن جي تبليغ ڪندا هيا ۽ ڏوهين کي سزا ڏيندا هيا رسول خدا انهن جي راءِ برابر ٻئي ڪنهن جي راءِ کي نہ ڄاڻندا هئا ۽ انهن جي محبت جي برابر ٻئي ڪنهن جي محبت کي نہ سمجهندا هيا ڇو جو

انهن کي خدائي ڪمن ۾ نهايت ئي مستعد ۽ مضبوط لڏو هيائون،
پاڻ سڳورا انهن کان راضي هيا ۽ سڀ مسلمان انهن کان راضي هئا
۽ انهن پنهنجي حياتي ۾ رسول خدا جي مرضي جي خلاف ڪڏهن
بہ ڪم نہ ڪيو ۽ رسول الله ﷺ جي وفات کان بعد بہ ان جي
تابعداري ۾ رهيا انهن اتباع رسول ۾ پنهنجي حياتي گذاري ۽ انهن
تي خداوند تعاليٰ جي رحمت هجي مون کي قسم آهي خالق مالڪ
جو حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر جو دوست ڪامل مؤمن آهي ۽
ان جو دشمن بد نصيب اسلام کان خارج آهي انهن جي محبت خدا
جي قرب جو سبب آهي انهن جي دشمني ايمان جي زوالي آهي.

انهي روايت جا عربي الفاظ هي آهي: "انه قال مررت بقوم ينقصون ابا بكر و عمر فاخبرت عليا و قلت لو لا انهم يرون انک تضمر ما اعلون ما اجترؤا علىٰ ذالک عبدالله ابن سبا هو كان اول من اظهر ذالک فقال على اعوذ بالله رحمهما الله ثم نهض و اخذ بيدى و ادخلنى المسجد فصعد على المنبر ثم قبض على لحيته و هى بيضاء فجعلت دموعه تجاوز على لحيته جعل ينظر لبقاع حتىٰ اجتمع الناس ثم خ ب فقال ما بال قوم يذكرون اخوى رسول الله و وزيريه و صاحبيه و سيدى قريش و ابوى المسلمين و انا برى مما يذكرون و عليه اعاقب صحبا رسول الله بالجد والوفا والجد فى امر الله يأمران و ينهيان و يقصيان و يعاقبان لا يرىٰ رسول الله ﷺ كراهيما

راءيا لا يحب كحبهما حبا لما يرىٰ عزمهما فی امر الله فقبض وهو عنهما راض والمسلمون راضون فما تجاوزا فی امرهما و سیرتهما رائی رسول الله ﷺ و امرہ فی حیاته و بعد موته فقبضا علیٰ ذالک رحمهما الله فوالذی خلق الحبة و برا النسمة لا یحبهما الا مؤمن فاضل ولا یغبضهما الا شقی ما رق و حبهما قربة و بغضهما مروق‘‘۔

ڇا ايحان بہ شيعن صاحبن کي حضرات شيخين ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق جي اعليٰ شان ۾ ڪجهہ شڪ آهي؟ حضرت علي شير خدا صاف صاف اعلان فرمائي ٿو تہ انهن جي دوستي مومن ڪامل کي نصيب ٿيندي آهي ۽ انهن جو دشمن بدنصيب ۽ اسلام کان خارج آهي ڇا حضرت علي جي اهڙي صريح ارشاد کي شيعہ تقيي تي محمول ڪندا؟.

انهي روايت مان هي بہ معلوم ٿيو تہ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ جي تعليم شيعن پنهنجي پيشوا "عبدالله بن سبا يهودي" کان ورتي آهي ۽ شيعن جي اسماء رجال جي معتبر ڪتاب "رجال ڪشي" صفحہ 71 ۾ تہ صاف تصريح ڪئي وئي آهي تہ عبدالله بن سبا يهودي پهريون شخص آهي جنهن حضرت علي جي امامت جي فرضيت جو اعلان ڪيو ۽ اصحابن ڪرامن جي شان ۾ برو ڀلو چوڻ شروع ڪيو تنهن ڪري چيو وڃي ٿو تہ شيعہ مذهب جو بنياد "يهوديت" کان ورتل آهي.

فافهم و تدبر و كن من الشاكرين
و آخر دعوانا الحمد لله رب العالمين
والصلاة والسلام على سيد المرسلين و علىٰ آله و اصحابه اجمعين



باب ٻيو

قرآن شريف جي دشمني تي ٿي شيعہ مذهب جو بنياد آهي

اسلام جو مايہ ناز معجزو خدا وند تعاليٰ جو مقدس ڪلام قرآن شريف آهي جنهن جي متعلق دشمنان اسلام جو بہ اقرار ۽ اعتراف آهي تہ هي ڪامل ۽ مڪمل ڪتاب آهي جنهن جو هڪ هڪ حرف ۽ نقطو بہ تبديل نہ ٿيو آهي ۽ نہ ٿي سگهندو جيئن هڪ متصلب عيسائي سروليم ميور سابق لفٽننٽ گورنر صوبہ متحده پنهنجي مشهور ڪتاب ”لائف آف محمد“ ۾ لکي ٿو تہ:

”هي بلڪل صحيح مڪمل قرآن آهي ۽ هن ۾ هڪ حرف بہ تحريف نہ ٿيو آهي اسين هڪ وڏي مضبوط بناء تي دعويٰ ڪري سگهون ٿا جو قرآن جي هر آيت خالص ۽ غير متغير صورت ۾ آهي ۽ آخرڪار اسين پنهنجي بحث کي ون هيم صاحب جي فيصلي تي ختم ڪندا آهيون اهو فيصلو هي آهي تہ اسان وٽ جيڪو قرآن آهي اسين ڪامل طرح تي ان ۾ هر لفظ محمد (صلی الله علیه وسلم) جو سمجهندا آهيون جيئن جو مسلمان ان جي هر لفظ کي خدا جو لفظ خيال ڪندا آهن“.

مسلمان ۽ عيسائين جي خيال ۾ فرق فقط ايترو ٿيو جو اهل اسلام ان کي خدا وند پاڪ جو ڪلام ڄاڻندا آهن ۽ عيسائي ان کي حضور انور ﷺ جو ڪلام خيال ڪندا آهن مگر هن ڳالھ ۾ مسلمان ۽ عيسائي متفق آهن تہ اهو قرآن شريف ڪامل ۽ مڪمل آهي هڪ حرف جو ڦير ڦار نہ ٿيو آهي نہ ٿيندو تمام محفوظ طريقي تي ان جي بنا رکيل آهي.

مگر افسوس جو شيعن جو ٽولو باوجود مسلمان سڏائڻ جي قرآن شريف جو انڪار فقط انهي ڪري ڪندا آهن جو قرآن شريف جو جامع ۽ محفوظ ڪندڙ حضرات خلفاءِ راشدين رضي الله تعاليٰ عنهم هيا، ڇو جو صحابہ ڪرامن جي هر هڪ اسلامي ڪارنامي کي شيعا نفرت جي نظر سان ڏسندا آهن.

"هنر بچشم عداوت بزرگ تر عيبي است"

انهي ڪري شيعہ مذهب وارن جو قرآن شريف تي هرگز ايمان نہ آهي ۽ ڪو بہ شيعو پنهنجي مذهبي ڪتابن موجب قيامت تائين پنهنجو ايمان قرآن تي ثابت ڪري نہ سگهندوڇو تہ شيعن جا سڀ معتبر ڪتاب قرآن شريف جي انڪار سان ڀريل آهن انهن جي ڪتابن ۾ صاف اعلان ٿيل آهي تہ اهو قرآن ناقص ۽ غير فصيح آهي ۽ انهي

قرآن ۾ گهڻي تحريف ٿيل آهي ۽ انهي قرآن جا اسين شيعه معتقد نه آهيون جنهن قرآن جا اسين شيعه معتقد آهيون اهو حضرت علي جو جمع ڪيل آهي هن وقت اهو قرآن علي وارو گم آهي امام مهدي غائب وٽ موجود آهي امام مهدي پنهنجي وقت ۾ ان کي ظاهر ڪندو.



شيعن جو قرآن هن قرآن جي مخالف آهي

شيعن جي علامه حسين نوري طبرسي پنهنجي مشهور ڪتاب "فصل الخطاب في اثبات تحريف ڪتاب رب الارباب" مطبوعه ايران سنه 1298 هجري جي صفحه 97 ۾ ڪلي طرح اعلان ڪيو آهي ته حضرت علي عليه السلام جو مخصوص قرآن هيو جو سندس اولاد دوازده امامن کي ورثي طور ملندو آيو اهو قرآن هاڻي امام مهدي وٽ آهي جو پنهنجي ظاهر ٿيڻ وقت ان قرآن کي ظاهر ڪندو ۽ ماڻهن کي انهي پنهنجي مخصوص قرآن جي تلاوت جو حڪم ڏيندو.

اهو مخصوص امامن وارو قرآن هن موجوده قرآن جي برخلاف آهي آيتن ۽ سورتن بلڪ وڌ گهٽ هجڻ ۽ الفاظن ۾ به هن موجوده قرآن جي برخلاف آهي ۽ هي ڳالهه به ثابت آهي ته هن موجوده قرآن ۾

آيتن وڌائڻ ۽ گھٽائڻ جي ڪري تحريف (ڦير ڦار) ٿيل آهي ۽ اهو ئي شيعن جو مقصد ۽ عقيدو آهي بعينہ ڪتاب جي عبارت هي آهي.

"كان لامير المؤمنين عليه السلام قرآنا مخصوصا جمعه بنفسه بعد وفات رسول الله ﷺ و عرضه على القوم فاعرضوا عنه فحجبه عن اعينهم و كان عند ولده عليه السلام يتوارثونه امام عن امام كسائر خصائص الامامة و خزائن النبوة وهو عند الحجة عجل الله فرجه يظهره للناس بعد ظهوره و يأمرهم بقرائته وهو مخالف لهذا القرآن الموجود من حيث التأليف و ترتيب السور والآيات بل الكلمات ايضا و من جهة الزيادة والنقيصة و حيث ان الحق مع علي عليه السلام و على مع الحق ففى القرآن الموجود تغيير من جهتين و هو المطلوب "انتهى بلفظه.

يعني امير المؤمنين جو هڪ مخصوص قرآن هيو جو رسول الله ﷺ جي وفات کان بعد جمع ڪيو هيائين۽ ان کي اصحابن جي آڏو پيش ڪيائين مگر انهن ڪجھ بہ خيال نہ ڏنو جنهن ڪري حضرت علي ان قرآن کي ماڻهن کان لڪايو ۽ مخفي ڪيو ۽ اهو قرآن سندس اولاد وٽ رهيو هڪڙي امام کان بعد ٻئي امام کي ميراث ۾ ملندو رهيو جيئن ٻيا امامت جا خصائص ۽ نبوت جا خزانہ ڪين ورثہ ۾ ملندا رهيا هاڻي اهو قرآن امام مهدي وٽ آهي خدا تعاليٰ ان جي مشڪل کي جلد آسان ڪري امام مهدي انهي قرآن کي پنهنجي ظاهر ٿيڻ کان بعد ٻاهر ڪيندو ۽ ماڻهن کي ان

قرآن پڙهڻ جو حڪم ڏيندو اهو قرآن هن موجوده قرآن جي برخلاف آهي سورتن ۽ آيتن جي ترتيب ۾ بلڪ الفاظن ۽ گهٽ وڌ هجڻ ۾ انهي موجوده قرآن جي برخلاف آهي ۽ جڏهن ته حق علي ساڻ آهي ۽ علي حق سان آهي تنهن ڪري ثابت ٿيو جو موجوده قرآن ۾ (جيڪو اڄ مسلمانن وٽ آهي) ٻنهي حيثيتن ڪري ڦير ڦار ٿيل آهي ۽ اهو ئي (شيعن جو مکيه عقيدو) ۽ مقصود آهي.



نہ قرآن پر ہے روافض کا ایمان
جو بنیاد اسلام کی ہے

وہ کہتے ہیں اصلی یہ قرآن نہیں ہے
بہت کچھ ہوئی اس میں بیشی کمی ہے

بغل میں ہے مھدی کے شیعہ کا قرآن
کتاب خدا غار میں جادھری ہے

جو آئیں گے حضرت تو لائیں گے قرآن
ابھی ہاتھ شیعہ کا اس سے تہی ہے



اصلي "قرآن علي" قيامت تائين گم رهندو

ڪتاب اصول ڪافي صفحه 671 ۾ لکيل آهي ته اصلي قرآن جيڪو حضور ﷺ تي نازل ٿيو هو اهو حضرت علي جمع ڪيو آهي جو هاڻي امام مهدي وٽ آهي جنهن لاءِ حضرت علي پاڻ فرمايو ته اڄ کان بعد هي منهنجو جمع ڪيل قرآن قيامت تائين نه ڏسندؤ ڪتاب جي عبارت هي آهي: "قال لهم هذا كتاب الله عزوجل كما انزله الله على

محمد ﷺ قد جمعته من اللوحين فقالوا هذا عندنا مصحف جامع فيه القرآن لاحاجة لنا فيه فقال اما والله لا ترونه بعد يومكم هذا ابدا'' ڏسو بحث فضل القرآن جي باب النوادر صفحہ 671.

عربي الفاظن جو مطلب مٿي بيان ٿي چڪو.



شيعن جو اصلي قرآن ستَ سيپارن کان بہ وڌيڪ آهي

اصلي قرآن جيڪو حضور ﷺ تي نازل ٿيو هو اهو سترنهن (17000) هزار آيتون هيون (حالانڪ هي قرآن شريف 6666 آيتون آهي) اصول ڪافي جا عربي الفاظ هي آهن.

''عن ابی عبدالله علیه السلام قال ان القرآن الذی جاء به جبرائیل علیه السلام الیٰ محمد ﷺ سبعة عشر الف آیة''۔

(ڏسو بحث فضل القرآن جي باب النوادر صفحہ 671).



شيعن جي چاليهہ سيپارن واري قرآن جي حقيقت

شيعن جو موجوده مجتهد علي حائري لاهوري ۽ ٻيا شيعہ جرئت سان چوندا آهن تہ اهلسنت وارن افترا ڪڙو ڪيو آهي جو شيعہ قرآن جي چاليهہ سيپارن جا قائل آهن مگر حقيقت ۾ اجان اهلسنت وارن

جي بي خبري آهي جو ايئن چوندا آهن چو تہ شيعن جا معتبر ڪتاب چئي رهيا آهن تہ شيعہ سٺ سيپارن کان بہ وڌيڪ چوندا آهن. جڏهن 6666 آيتن جي حساب تي ٽيهہ (30) سيپاره آهن تہ پوءِ 17 هزارن جي حساب تي نوي (90) سيپارن جي قريب ٿيڻ گهرجي.



شيعن جو هڪ خاص قرآن ستر گز آهي

شيعن جو هڪ قرآن (جامع) ستر گز ڊگهو آهي جيئن تہ اصول ڪافي ۾ آهي:

ثم قال (ابی عبد الله علیها السلام) یا ابا محمد و ان عندنا الجامعة وما یدریهم ما الجامعة قال قلت جعلت فدا لک و ما الجامعة قال صحیفة طولها سبعون ذراعاً.

(ڏسو بحث الحجة جي باب 40 باب فيہ ذڪر الصحيفة والجفر و الجامعہ و مصحف فاطمہ صفحہ 149).



شيعن جي هڪ قرآن جو نالو مصحف فاطمہ بہ آهي

شيعن جو قرآن مصحف فاطمہ نالي آهي جو هن قرآن شريف کان ٽي حصہ زياده آهي ۽ هن قرآن جو ان ۾ هڪ حرف بہ نہ آهي. ڪتاب اصول ڪافي جا الفاظ هي آهن:

ثم قال وان عندنا مصحف فاطمة عليها السلام قال قلت ما المصحف فاطمة قال مصحف فيه مثل قرآنكم ثلث مرات والله ما فيه من قرآن كم حرف واحد. انتهى (بحث الحجة جي باب 40 صفحه 146).

شيعن جي هڪ قرآن جو نالو جعفر آهي

حضرت امام جعفر صادق کان روايت آهي ته اهو جعفر هڪ چمڙي جو ٿيلو آهي جنهن ۾ سيني نبين ۽ ولين ۽ بني اسرائيل جي عالمن جو علم پريل آهي. ڏسو اصول ڪافي بحث الحجة باب 40 صفحه 146.



شيعن جو هڪ قرآن اٺ جي رانَ جهڙو ٿلهو آهي

اهو قرآن ڪتاب علي جي نالي سان مشهور آهي شيعن جو راوي زراره چوي ٿو ته مون کي حضرت امام جعفر صادق اهو قرآن ڏيکاريو جو اٺ جي رانن جهڙو ٿلهو هيو ۽ ان ۾ سيني مسلمانن جي برخلاف مسئلا لکيل آهن.

ڏسو فروع ڪافي جلد 3 صفحه 45 مضمون جي طوالت ڪري عبارت نه لکي آهي.

تحريفن جو خلاصه بحث ڏسو ڪتاب فصل الخطاب في اثبات تحريف ڪتاب رب الارباب.

جي بي خبري آهي جو ايئن چوندا آهن ڇو ته شيعن جا معتبر ڪتاب چئي رهيا آهن ته شيعه سٺ سيپارن کان به وڌيڪ چوندا آهن، جڏهن 6666 آيتن جي حساب تي ٽيهه (30) سيپاره آهن ته پوءِ 17 هزارن جي حساب تي نوي (90) سيپارن جي قريب ٿيڻ گهرجي.



شيعن جو هڪ خاص قرآن ستر گز آهي

شيعن جو هڪ قرآن (جامع) ستر گز ڊگهو آهي جيئن ته اصول ڪافي ۾ آهي:

ثم قال (ابی عبد الله علیها السلام) یا ابا محمد و ان عندنا الجامعة وما یدریهم ما الجامعة قال قلت جعلت فدا لک و ما الجامعة قال صحیفة طولها سبعون ذراعاً.

(ڏسو بحث الحجة جي باب 40 باب فيه ذكر الصحيفة والجفر و الجامعه و مصحف فاطمه صفحه 149).



شيعن جي هڪ قرآن جو نالو مصحف فاطمه به آهي

شيعن جو قرآن مصحف فاطمه نالي آهي جو هن قرآن شريف کان ٽي حصه زياده آهي ۽ هن قرآن جو ان ۾ هڪ حرف به نه آهي. ڪتاب اصول ڪافي جا الفاظ هي آهن:

ثم قال وان عندنا مصحف فاطمة عليها السلام قال قلت ما المصحف فاطمة قال مصحف فيه مثل قرآنكم ثلث مرات والله ما فيه من قرآن کم حرف واحد. انتهيٰ (بحث الحجة جي باب 40 صفحه 146).

شيعن جي هڪ قرآن جو نالو جعفر آهي

حضرت امام جعفر صادق کان روايت آهي تہ اهو جعفر هڪ چمڙي جو ٿيلو آهي جنهن ۾ سيني نبين ۽ ولين ۽ بني اسرائيل جي عالمن جو علم پريل آهي. ڏسو اصول ڪافي بحث الحجة باب 40 صفحہ 146 .



شيعن جو هڪ قرآن اٺ جي ران جهڙو ٿلهو آهي

اهو قرآن ڪتاب علي جي نالي سان مشهور آهي شيعن جو راوي زراره چوي ٿو تہ مون کي حضرت امام جعفر صادق اهو قرآن ڏيکاريو جو اٺ جي رانن جهڙو ٿلهو هيو ۽ ان ۾ سيني مسلمانن جي برخلاف مسئلہ لکيل آهن.

ڏسو فروع ڪافي جلد 3 صفحہ 45 مضمون جي طوالت ڪري عبارت نہ لکي آهي.

تحريفن جو خلاصہ بحث ڏسو ڪتاب فصل الخطاب في اثبات تحريف ڪتاب رب الارباب.

اهو ڪتاب سن 1298 هه ۾ ايران مان ڇپيو آهي ڪتاب جو مصنف شيعن جو وڏو عالم علامہ حسين بن محمد تقي نوري طبرسي آهي، في الواقع هي ڪتاب نهايت جامع آهي شيعہ مذهب موجب عقلي ۽ نقلي دليلن سان ثابت ڪيو ويو آهي تہ شيعہ مذهب جو خالص يقين آهي تہ هن قرآن ۾ تحريف ٿيل آهي ۽ تحريف جون سموريون روايتون ان ۾ گڏ ڪيون ويون آهن ۽ شيعن ۾ جيڪي چار شخص "تقيہ" جي آڙ ۾ قرآن جي تحريف جا منڪر ٿيا آهن انهن جي خوب خبر لڌي اٿس ۽ ثابت ڪيو اٿس ۽ ٻن هزارن ڪان مٿي صحيح متواتر حديثون تحريف ٿيڻ بہ نسبت عالمن پنهنجي حديث جي ڪتابن ۾ لکيون آهن ۽ ڪو بہ شيعو تحريف قرآن جو انڪار نہ ڪندو آهي ۽ نہ ڪري ئي سگهندو.

ڪتاب اصول ڪافي بحث الحجة جي باب 35 ۾ خاص هي بحث لکيل آهي تہ سمورو قرآن دوازده امامن (ٻارنهن امام) ڪان سواءِ ٻي ڪنهن جمع ڪيو آهي حالانڪ ساري دنيا جا مسلمان هن ڳالهہ تي متفق آهن قرآن شريف صحابہ ڪرامن خصوصا خلفاءِ راشدين جو جمع ڪيل آهي نہ دوازده امامن جو مگر اصل ڪافي جو اهو باب هن عنوان سان لکيو ويو آهي.

"باب انه لم يجمع القرآن كله الا الائمة"

ساڳي طرح ڪتاب اصول ڪافي جي بحث الحجة جي باب 107 ۾ هي گفتگو ٿيل آهي تہ امامت واري مسئلي جي متعلق قرآن ۾ قطع برید ڪئي وئي آهي انهي باب جو اعلان هي آهي:

"باب فيه نكت و نتف من التنزيل في الولاية"

بقول علماءِ شيعہ قرآن شريف ۾ قطع بريد ٿيل آهي.

﴿1﴾ اصول ڪافي جي صفحہ 264 ۾ آهي تہ: عن ابی عبدالله عليه السلام قال نزل جبرائيل على محمد ﷺ بهذه الآية هكذا "يا ايها الذين اوتوا الكتاب آمنوا بما نزلنا فی علی نورا مبينا"۔

امام جعفر صادق عليہ السلام ڪان روايت آهي جو انهن فرمايو تہ حضرت جبرائيل عليہ السلام هن آيت کي حضور اڪرم ﷺ تي هن طرح آندو هيو.

"اي اهل ڪتاب! ايمان آڻيو ان تي جو علي بابت اسين نور روشن نازل ڪيو آهي".

امام جعفر واري هن روايت ۾ "في علي نورا مبينا" جا الفاظ آندا آهن، حالانڪ قرآن شريف ۾ انهن لفظن تي "مصدقا لما معكم" وارا الفاظ موجود آهن جنهن جو مطلب آهي تہ اي اهل ڪتاب ايمان آڻيو قرآن تي جو توهان جي آسماني ڪتابن جي تصديق ٿو ڪري مگر شيعن جي روايت موجب آيت جو مطلب هي ٿيندو تہ اي اهل ڪتاب علي جي فضيلت ۽ امامت تي ايمان آڻيو.

تعجب آهي شيعن جي عقل تي جو ايترو بہ خيال نہ ٿا ڪن تہ جڏهن اهل ڪتاب رسول الله ﷺ جي رسالت ۽ قرآن شريف تي ايمان نہ ٿي آندائون تہ جيڪا ڳالهہ سڀ کان ضروري ۽ مقدم هئي تہ پوءِ حضرت علي جي امامت جو مسئلو پيش ڪرڻ اهل ڪتاب ڪي ڪهڙو فائدو ڏيندو وري عجب جهڙي ڳالهہ هي آهي جو سموري قرآن شريف تي ايمان آڻڻ ضروري نہ سمجهيو ويو بلڪ فقط انهن آيتن تي ايمان آڻڻ جو حڪم ٿئي ٿو جيڪي حضرت علي جي باري ۾ آهن. شيعي عقيدي موجب معلوم ٿيو تہ حضرت علي جي فرضي امامت تي ايمان آڻڻ قرآن شريف ۽ حضور ﷺ جي رسالت کان مقدم آهي.



﴿2﴾ ڪتاب احتجاج طبرسي مطبوعہ ايران جي صفحہ 119 کان وٺي صفحہ 134 تائين هڪ ڊگهي روايت حضرت علي کان نقل ٿيل آهي جنهن ۾ بيان ٿيل آهي تہ هڪ زنديق (بي دين) قرآن شريف تي ڪجهہ اعتراض ڪيا هئا جو هر هڪ اعتراض کي حضرت علي گهڻو ڪري تسليم ڪيو آهي ۽ هي جواب ڏنو اٿس تہ قرآن شريف ۾ منافقن تحريف (ڦير ڦار) ڪئي آهي انهي روايت جا ڪي ٽڪرا جنسي هيٺ جن ٿا اهو " ڪتاب احتجاج طبرسي" اڄ ڪلهہ شيعن

جي مشهور "مدرسة الواعظين" لکنئو جي نصاب تعليم ۾ داخل آهي.

"فهو مما قدمت ذكره من اسقاط المنافقين من القرآن و بين القول فى اليتامى و بين نكاح النساء من الخ ىاب و القصص اكثر من ثلث القرآن و هذا و ما اشبه مما ظهرت حوادث المنافقين فيه لاهل النظر والتامل و وجد المع ىلون و اهل الملل المخالفين للاسلام مساغا الى القدح فى القرآن"۔

يعني حضرت علي انهي زنديق بي دين جي جواب ۾ تو فرمائي ته قرآن جي اها جاءِ به انهن مان آهي جيڪو ذڪر آئون اڳي ڪري چڪو آهيان جو منافقن قرآن مان گهڻو ڪجهه ڪڍي ڇڏيو آهي اهي لفظ في اليتاميٰ ۽ فانڪحوا جي وچ ۾ گهڻا احڪام ۽ قصه هيا جو ٽن حصن قرآن (ڏهن سيپارن) کان زياده هيا اهي سڀ ڪڍيا ويا آهن تنهن سبب ڪري بي ربطي ٿي وئي آهي، اهڙي قسم جون گهٽيون جايون قرآن ۾ آهن جو عقل وارن کي منافقن جي انهي ڦير ڦار ۽ تصرف في القرآن معلوم ٿي ويندو آهي ۽ جنهن ڪري اسلام جي مخالفن کي قرآن تي اعتراض ڪرڻ جو موقعو ملي ويو آهي.

انهي روايت ۾ شيعه مذهب جو اندروني پول کلي پيو. شيعه مذهب جا ڪتاب حضرت علي تي الزام لڳائي رهيا آهن ته حضرت علي صاف صاف اعلان ٿو ڪري ته منافقن قرآن ۾ وڏي ڦير ڦار ڪئي

آهي ۽ قرآن شريف جو ٽيون حصو (ڏهن سيپارن) کان وڌ قرآن شريف مان ڪڍي ڇڏيو اٿن.

ساري دنيا جا مسلمان تقريبا ساڍن تيرهن سون سالن کان وٺي هن ڳالهه تي متفق آهن ته قرآن شريف صحابه ڪرامن جو جمع ڪيل آهي جنهن ۾ حضرت علي پاڻ به شامل آهي پوءِ حضرت علي ڪيئن چوندو ته منافقن قرآن شريف ۾ ڦير ڦار ڪئي آهي حالانڪ حضرت علي جي خلافت اصحاب ثلاثه رضي الله تعاليٰ عنهم کان پوءِ ٿي آهي پنهنجي بادشاهت جي وقت ۾ ڇو نه دوباره سڌارو ڪيائين جيڪڏهن قرآن شريف ۾ ڦير ڦار ٿيل هجي ها ته حضرت علي جو اولين فرض هو قرآن شريف جو سڌارو ڪرڻ.

شيعن وٽ حضرت علي جو تقيو

شيعن وٽ هن اعتراض جو جواب هي آهي حضرت علي "تقيو" ڪري پنهنجي ساري عمر گذاري.

حضرت علي تي "تقيو" (ڪوڙ) ۽ بزدلي جي تهمت رکڻ شيعه مذهب جو اصول آهي جيئن ته تقيه بابت ايتري قدر شيعه مذهب ۾ تاڪيد آهي ته جنهن کي تقيو نه آهي ان کي ايمان نه آهي اصول ڪافي صفحه 484 ۾: "قال ابو جعفر عليه السلام التقية من دينى و دين

آبائی ولا ایمان لمن لا تقیة له". امام باقر عليہ السلام فرمايو آهي تہ تقيہ ڪرڻ منهنجو ۽ منهنجي ابن ڏاڏن جو دين آهي ۽ جيڪو تقيو نہ ڪري ان کي ايمان نہ آهي.



تقيہ جي معنيٰ

تقيي جي معنيٰ آهي حق کي لڪائڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ.

شيعہ مذهب موجب دين جا 9 حصہ تقيي ۾ آهن.

امام جعفر صادق عليہ السلام فرمايو آهي تہ دين جا نوَ حصہ تقيي ڪرڻ ۾ آهن باقي هڪ ڏهين حصي ۾ دين جا ٻيا سڀ احڪام آهن جنهن ڪي تقيو نہ آهي ان ڪي دين نہ آهي. ڏسو اصول ڪافي مطبوعہ نولڪشور لکنئو صفحہ 481: "عن ابن عمير الاعجمى قال: قال لى ابو عبدالله عليه السلام يا ابا عمر اِن تسعة اعشار الدين فى التقية ولا دين لمن لا تقية له".

﴿3﴾ مطلب تہ شيعي مذهب وارا حضرت علي جهڙي شير خدا ڪي بزدل سمجهي ان تي تقيي جو ناپاڪ الزام رکندا آهن جيئن تہ ساڳي مٿين احتجاج طبرسي واري ڏگهي روايت ۾ حضرت علي قرآن شريف جي تحريف (ڦير ڦار) ۽ قطع بريد ڪندڙن جا نالا خوف ڪان نہ ٿو ٻڌائي ۽ چوي ٿو تہ مون ڪي انهن جائن جي نالي ظاهر ڪرڻ کان تقيو روڪي ٿو بعينہ روايت جا الفاظ هي آهن: "ولو شرحت لک ما اسقط و حرف و بدل ما يجري هذا المجرىٰ لـ ـال و ظهر ما تحتـ ـر التقية اظهاره".

يعني جيڪڏهن آئون تو ڪي هي سڀ آيتون بيان ڪيان جيڪي قرآن مان خارج ڪيون ويون آهن ۽ تحريف ڪيون ويون آهن ۽

مٽايون ويون آهن ۽ اهڙي قسم جون ڪارروايون ڪيون ويون آهن ته هوند گهٽي ڏيگهه تي ويندي ۽ جنهن ڳالهه کان تقيو روڪي ٿو سا ڳالهه ظاهر ٿي پوندي.

﴿4﴾ انهي روايت ۾ آهي ته حضرت علي زنديق کي چيو ته "ولو علم المنافقون لعنهم الله من ترک هذه الآيات التی بينت لک تاويلها لاسقـ وها مع ما اسقـ وا منه".

يعني منافقن کي خدا انهن تي لعنت ڪري معلوم ٿي وڃين ها جو انهن آيتن جي باقي رهائڻ ۾ ڇا خرابي آهي جن جي تاويل مون توکي ٻڌائي ته ضرور انهن آيتن کي به ڪڍي ڇڏين ها جيئن جو ٻيون آيتون ڪڍي ڇڏيون اٿن.

﴿5﴾ تفسير صافي جي ديباچي ۾ تفسير عياشي کان منقول آهي جو امام باقر عليہ السلام فرمايو آهي:

"ان القرآن قد طرح منه آيات کثيرة"

يعني تحقيق قرآن مان گهڻيون آيتون ڪڍيون ويون آهن.

﴿6﴾ تفسير "قمي" جنهن جو مصنف علي بن ابراهيم قمي امام حسن عسڪري جو شاگرد ۽ امام محمد يعقوب ڪليني مصنف ڪتاب "ڪافي ڪليني" واري جو استاد آهي پنهنجي تفسير قمي جيڪو شيعه مذهب ۾ معتبر اعليٰ پايه جو ڪتاب آهي سو تحريف جي روايتن کان ڀريل آهن.

قرآن شريف ۾ آيتن وڌائڻ جون روايتون

(1) ڪتاب احتجاج مطبوعہ ايران جي مٿي ذڪر ڪيل ڊگهي روايت ۾ آهي تہ "انهم اثبتوا فی الكتاب مالم يقل الله ليلبسوا على الخليقة" يعني منافقن قرآن ۾ اهي ڳالهيون درج ڪيون آهن جيڪي خدا تعاليٰ نہ فرمايون آهن انهي ڪري جو مخلوق کي فريب ڏجي.

(2) انهي روايت ۾ هي بہ آهي جو حضرت علي فرمائي ٿو تہ تقيہ جي ضرورت جي ڪري آءٌ قرآن ۾ قطع بريد ڪندڙن جا نالا ٻڌائي نٿو سگهان ۽ اها زيادتي بہ بيان ڪري نہ ٿو سگهان جيڪا انهن منافقن قرآن ۾ وڌائي آهي جنهن ڪري اهل تعطيل ۽ ڪافرن ۽ مخالفين اسلام جي تائيد ٿيندي آهي ۽ ظاهري علم جو ابطال ٿئي ٿو جنهن جا موافق ۽ مخالف سڀ قائل آهن. عبارت هي آهي.

"و ليس يسوغ مع عموم التقية التصريح با ماء المبدلين ولاالزيادة فی آياته على ما اثبتوه من تلقائهم فی الكتاب لما فی ذالک من تقوية حجج اهل التع يل والكفر والملل المنحرفة عن قبلتنا و اب ال هذا العلم الظاهر الذی قد استكان له الموافق والمخالف".

سموري روايت جو ترجمو مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

(3) انهي روايت ۾ آهي تہ: "و زاد وا فيه ما ظهر تناكره و تنافره".

يعني قرآن ۾ اهي آيتون وڌايون ويون جن جو خلاف فصاحت هجڻ ۽ قابل نفرت هجڻ ظاهر آهي.

﴿4﴾ انهي روايت ۾ آهي تہ: ”فحسبک من الجواب في هذه المواضع ما
معت فان شريعة التقية تخ ر التصريح باكثر منه“.

يعني انهن جائن تي اهي جواب تنهنجي لاءِ ڪافي آهن ڇو جو ان ڪان وڌيڪ بيان ڪرڻ لاءِ ”تقيہ“ واري شريعت روڪي ٿي.

﴿5﴾ تفسير صافي ۾ تفسير عياشي ڪان منقول آهي تہ امام باقر عليہ السلام فرمايو آهي تہ ”لولا انه زيد فى القرآن و نقص ما خفى حقنا علىٰ ذى حجج“ جيڪڏهن قرآن ۾ گهٽايو ۽ وڌايو نہ وڃي ها تہ اسان جو حق ڪنهن عقلمند تي مخفي نہ رهي ها.



تحريف بابت شيعہ عالمن جا ٽي اقرار

شيعہ مذهب جي عالمن هيٺين ڳالهين جو کلي طرح اقرار ڪيو آهي تہ :

﴿1﴾ قرآن جي تحريف (ڦير گهير ڪرڻ) بنسبت تمام گهڻيون متواتر روايتون شيعہ مذهب جي ڪتابن ۾ موجود آهن.

﴿2﴾ اهڙيون روايتون شيعہ مذهب ۾ موجود آهن جيڪي کلي طرح تحريف قرآن تي دلالت ٿيون ڪن.

﴿3﴾ انهن روايتن موجب شيعہ مذهب ۾ تحريف قرآن جو اعتقاد ضروري آهي. جنهن صورت ۾ شيعہ مذهب جو اصلي بنياد انهي ڳالھ تي رکيل آهي تہ قرآن شريف کي مشڪوڪ ۽ جڙتو ڪتاب ٺائي انهي پردي ۾اسلام جو نام و نشان مٽائجي تنهن ڪري نهايت اهتمام سان شيعن جي وڏن وڏن عالمن قرآن شريف جي تحريف وارين روايتن کي پنهنجي دوازده امامن جي نالن تي تصنيف ڪيو آهي ويچارن شيعن کي اها خبر ئي نہ هئي تہ اسان جي اها تمام ڪوشش خاڪ ۾ ملي ويندي. هاڻي شيعہ عالمن جا اقرار پيش ڪجن ٿا.

﴿1﴾ ڪتاب فصل الخطاب مطبوعہ ايران صفحہ 211 ۾ آهي تہ "الاخبار الكثيرة المعتبرة الصريحة فی وقوع السقط و دخول النقصان فی الموجود من القرآن زيادة علی مامر فی ضمن الادلة السابقة و انه اقل من

تمام ما نزله اعجازا على سيد الانس والجان من غير اختصاصها بأية او سورة وهى متفرقة فى الكتب التى عليها المعمول عند الاصحاب جمعت ما عثرت عليها في هذا الباب".

يعني گھڻيون صحيح ۽ معتبر حديثون جيڪي موجوده قرآن جي قطع بريد ۽ ناقص هجڻ تي تصريح ڪنديون آهن اهي حديثون انهن ڪان عليحده آهن جيڪي اڳين دليل جي ضمن ۾ بيان ٿي چڪيون آهن تہ قرآن پنهنجي مقدار نزول کان گھڻو گھٽ آهي ۽ اهو ناقص هجڻ ڪنهن آيت يا سورة سان خاص نہ آهي ۽ اهي حديثون انهن جدا جدا ڪتابن ۾ ڦهليل آهن جن ڪتابن تي اسان جي (شيعہ) مذهب جو اعتماد ۽ عمل آهي ۽ انهن ڏي شيعہ مذهب وارن جو رجوع آهي مون اهي سڀ حديثون جمع ڪيون آهن جيڪي منهنجي نظر کان گذريون آهن.

﴿2﴾ انهي ڪتاب فصل الخطاب جي صفحي نمبر (30) ۾ شيعہ محدث جزائري جو قول نقل ٿيل آهي تہ: "قال محدث الجزائري في "الانوار" ما معناه ان الا صحاب قد اطبقوا علي صحته لاخبار المستفيضة بل المتوا ترة الدالت بصر يحها علي وقوع التحريف في القرآن كلاما ومادة واعرابا والتصديق بها".

يعني سيد (نعمة الله) محدث جزائري پنهنجي ڪتاب "الانوار" ۾ لکيو آهي جنهن جي معنيٰ هي آهي تہ اماميہ مذهب وارن جو هن

ڳالھ تي اتفاق آهي تہ جيڪي مستفيض بلڪ متواتر حديثون قرآن پاڪ جي تحريف تي صريح دلالت ڪنديون آهن اها تحريف (ڦيرڦار) ڪلام ۾ بہ آهي ۽ ماده ۾ بہ ۽ اعراب ۾ بہ تحريف آهي. انهي حديثن جي تصديق تي شيعن جو اتفاق آهي.

(4) انهي ڪتاب فصل الخطاب جي صفحہ (227) ۾ سيد نعمت الله محدث جزائري کان سواءِ ٻين عالمن جي متواتر تحريفي روايات جو قول نقل ڪيو آهي ۽ محدث جزائري تہ پنهنجي تصنيفات ۾ ٻن هزارن کان زياده حديثون تحريف تي دلالت ڪندڙ لکيون آهن. عبارت هي آهي.

"وهي كثيرة جدا حتي قال السيد نعمة الله الجزائري في بعض مؤلفاته كما حكي عنه ان الاخبار الدالة علي ذلک تزيد علي " الفي" حديث وادعي استفاضتها جماعة كالمفيد و ا لمحقق الداماد واما العلامته المجلسي وغيرهم بل الشيخ ايضا صرح في "التبيان" بكثر تهابل ادعي تواترها جماعة ياتي ذكرهم".

يعني تحريف قرآن جون روايتون يقينا گهڻيون آهن تانہ سيد نعمت الله محدث جزائري پنهنجي بعض تاليفات ۾ لکيو آهي. جيئن ان کان نقل ڪيو ويو آهي تہ جيڪي حديثون تحريف تي دلالت

ڪنديون آهن اهي ٻن هزارن (2000) کان زياده بہ آهن ۽ هڪڙي جماعت انهن حديثن جي مستفيض هجڻ جي دعويٰ ڪئي آهي جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو.

﴿4﴾ انهن مٿين روايتن جي ڪِڍ فصل الخطاب واري هي الفاظ لکيا آهن تہ: "واعلم ان تلک الاخبار منقولة من الکتب المعتبر اللتي عليها معول اصحابنا في اثبات الاحکام المشروعية والآثار النبوية".

يعني ڄاڻڻ گهرجي تہ اهي تحريف جي اثبات واريون حديثون انهن معتبر ڪتابن کان نقل ڪيون ويون آهن جن تي اسان جي عالمن جو اعتماد آهي. شرعي احڪام ثابت ڪرڻ جي لاءِ ۽ نبوت جي آثارن ثابت ڪرڻ لاءِ.

﴿5﴾ فصل الخطاب جي مصنف ڪتاب جي آخر ۾ انهن سيني محدثن جا نالا لکيا آهن جن تحريف جي روايتن کي متواتر چيو آهي. انهن نالن ۾ علامہ باقر مجلسي جو نالو بہ آهي جنهن جو قول هيٺ جنسي پيش ڪجي ٿو جو نهايت قابل ديد آهي.

"وعندي ان الاخبار في هذا الباب متواترة معني وطرح جميعها يوجب رفع الاعتماد عن الاخبار راسابل ظني ان الاخبار في هذا الباب لا ليقصر عن اخبار الامامة فکيف يثبتونها بالخبر".

يعني علامہ باقر مجلسي چوي ٿو تہ منهنجي نزديڪ تحريف قرآن جون حديثون متواتر آهن انهن سڀنن روايتن کي غير معتبر سمجهڻ واري صورت ۾ حديث جي فن کان اعتبار لهي ويندو بلڪ منهنجو خيال هي آهي تہ تحريف قرآن واريون روايتون امامت واري مسئلي جي روايتن کان گهٽ نہ آهن. جيڪڏهن تحريف واريون روايتون اعتبار جوڳيون نہ آهن تہ پوءِ امامت وارو مسئلو روايتن سان ڪيئن ثابت ٿي سگهندو.؟

هاڻي ناظرين پاڻ انصاف ڪن تہ مٿين عبارتن مان شيعہ مذهب جي وڏن مجتهدن ۽ مذهبي پيشوائن جا اقرار آفتاب وانگر روشن ٿي ويا تہ شيعہ مذهب ۾ تحريف قرآن جون روايتون ٻہ هزارن کان بہ زياده آهن. ۽ اهي سڀ مستفيض ۽ متواتر آهن ۽ صاف طرح سان تحريف قرآن تي دلالت ڪن ٿيون ۽ تحريف قرآن جو اعتقاد رکڻ بہ شيعہ مذهب جي روايتن موجب ضروري آهي وڌيڪ تحقيق ۽ ناظرين ڪرامن جي معلومات وڌائڻ لاءِ شيعہ مذهب جي ڪتابن جون ٻيون عبارتون بہ پيش ڪجن ٿيون.

﴿6﴾ تفسير صافي جي ديباچي ۾ مصنف پنهنجي پيشوائن جو اعتقاد ڄاڻايو آهي تہ اسان جي اماميہ بزرگن جو اعتقاد آهي جو

قرآن ۾ تحريف ۽ نقصان ٿيو آهي. عبارت هي آهي: ”واما اعتقاد مشائخنا رحمهم الله في ذلک فالظاهر من حجة الاسلام محمد بن يعقوب الكليني طاب ثراه انه كان يعتقد التحريف والنقصان في القرآن لانه روي روايات في هذا المعنيٰ في كتابه الكافي ولم يتوض لقدح فيها مع انه ذكر في اول الكتاب انه كان يثق بما رواه وكذالک استاذه علي ابن ابراهيم القمي فان تفسيره مملوء وله غلوفيه وكذالک الشيخ احمد بن ابي طالب الا برسي قدس سره فانه نسجه علي منوالهما في كتاب الاحتجاج انتهي بلفظ“.

يعني تفسير صافي وارو چوي ٿو ته اسان جي پيشوائن جو اعتقاد تحريف قرآن بنسبت هي آهي جومحمد بن يعقوب الكليني قرآن جي تحريف هجڻ ۽ ناقص هجڻ جو قائل آهي ڇوجو انهي تحريف قرآن جي روايتن کي پنهنجي مشهور ڪتاب ڪافي ڪليني ۾ لکليو آهي ۽ انهن حديثن تي جرح نہ ڪئي اٿس. حالانک پاڻ ڪتاب جي شروع ۾ صاف بيان ڪيو اٿس تہ جيتري قدر روايتون انهي ڪتاب (ڪافي) ۾ آهن سڀ مون وٽ معتبر آهن ۽ اهڙي طرح سندس استاد علي بن ابراهيم ”قمي“ تفسير بہ تحريف جي روايتن سان ڀريل آهي ان کي انهي عقيدي ۾ غلو آهي اهڙي طرح شيخ

احمد بن ابي طالب طبرسي پنهنجي ڪتاب "احتجاج" ۾ انهن جي عقيدي تي هليو آهي.

﴿7﴾ امام الشيعہ مولوي حامد حسين پنهنجي ڪتاب استقصاء الافحام، جلد اول، صفحہ (10) ۾ لکي ٿو تہ ڪڏهن ويچارا شيعہ پنهنجي پاڪ امامن جي حديثن موجب تحريف قرآن ۽ قرآن جي ناقص هجڻ بابت ڪجھ ڪچندا آهن تہ الزامن ۽ طعنن هيٺ ايندا آهن. جيئن تہ لکي ٿو تہ:

"اگر بیچارہ شیعے بمقتضائے احادیث کثیرۃ اہل بیت طاہرین مصرحہ بوقوع نقصان در قرآن حرف تحریف ونقصان برزبان آرد ہدف سہام طعن وملاو مورد استہزاو تشنیع گردد۔

عبارت جو مطلب مٿي گذري چڪو آهي.

﴿8﴾ ساڳي طرح انهي ڪتاب استقصاء جي صفحي (64) ۾ لکي ٿو تہ جيڪڏهن شيعہ مذهب وارا پنهنجي برگزيده پيشوائن ۽ دوازده امامن جي انهن حديثن کي ظاهر ڪن ٿا جيڪي هن ڳالھ تي دلالت ڪنديون آهن تہ قرآن شريف ۾ گمراهن ۽ باطل پرستن تحريف ڪئي آهي ۽ جوڙ جڪ ڪئي اٿن ۽ اصلي قرآن جيڪو نازل ٿيو هيو سو اسان جي امامن وٽ موجود آهي وغيره وغيره. اهڙي قسم

جون ڳالهيون شيعه ظاهر ڪندا آهن ته ”سني“ انهن جي لاءِ ناشائسته الفاظ ڪم آڻيندا آهن بعينه عبارت هي آهي.

”اگر اہل حق از حافظان اسرار الٰہی و حاملان آثار جناب رسالت پناہے کہ ہداہ اسلام و آئمہ انام اند روایت کند احادیث را کہ دال است بر آنکہ در قرآن شریف مبطلین واہل ضلال تحریف نمودہ اندو تصحیفش بعمل آوردند واصل قرآن کما انزل نزد حافظان شریعت موجود است کہ درین صورت اصلا برجناب رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نقصی و طعنی عائد نمی شود فریاد وفغان آغاز کنند و کلمات ناشائستہ ودو راز کار کہ بادنی عاقلی نمی زیبد برزبان آرند“.

مضمون جي طوالت ڪري ترجمو نه ڪيو ويو، فارسي دان اصحاب بخوبي سمجهي سگهن ٿا.

﴿9﴾ شيعن جو علامه باقر مجلسي پنهنجي مشهور ڪتاب حيات القلوب، جلد 3، مطبوعه نولڪشور لکنئو 1334ھ، صفحه (44) ۾ لکي ٿو ته ”صفار“ امام باقر مجلسي عليه السلام کان روايت ڪئي آهي ته قرآن کي تحريف ڪيو ويو آهي پوري عبارت پيش ڪجي ٿي.

"ایضا در بصائر حضرت باقر علیہ السلام روایت کردہ است کہ خدا را در زمین 3 حرمۃ است قرآن و عترت من و کعبہ کہ خانئہ محترم خدا است اما قرآن را بس تحریف کردند و تغییر دادند، الخ".

قرآن شريف جي فصاحت تي
شيعن جو اعتراض

هيو تہ ڇڏيو پرمرزا احمد علي امرتسري جيڪو شيعن جي مجتهد علي حائري لاهوري جو وزير ۽ نفس ناطق آهي سو پنهنجي ڪتاب "انصاف" صفحہ (145) ۾ لکي ٿو تہ هي قرآن پاڪ عثماني غير فصيح ۽ ناقص ۽ غلط آهي اهڙو قرآن پاڪ تہ مان بہ ٺاهي سگهان ٿو. (نعوذبالله) انهي رسالي جي سرورق صفحہ (2) تي علي حائري لاهوري جي تصديق بہ ڇپيل آهي.

علي حائري لاهوري جي خاص وزير مرزا احمد علي امرتسري انهي ڪتاب ۾ جيتري قدر بہ قرآن شريف جي فصاحت ۽ بلاغت تي ناجائز اعتراض ڪيا آهن تن سڀ جو دندان شڪن جواب ڪتاب تحفة شيعہ حصہ اول ۾ ڏنا ويا آهن. انجمن نعمانيہ هند لاهور کان اهو ڪتاب ملي سگهندو ۽ ڪتاب "آفتاب هدايت رد رفض وبدعت" ۾ بہ سرتوڙ جواب ڏنل آهي. مولانا ڪرم الدين دبير ضلع جهلم کان ملي سگهندو. اهي ئي ڪتاب شيعن جي قلعي کولڻ لاءِ ڪافي آهن اهل سنت وارا ضرور گهرائن.

شيعن جي چالبازين جو بيان

بظاهر شيعه صاحبان ماڻهن کي فريب ڏيڻ لاءِ ته چوندا آهن جو اسان شيعن جو انهي قرآن شريف تي ايمان آهي ۽ قرآن شريف کي تحريف وغيره نقص کان پاڪ صاف مڃيندا آهيون ۽ پنهنجي تائيد ۾ چئن عالمن جا نالا:

1- شريف مرتضيٰ.

2- شيخ صدوق.

3- ابو جعفر طوسي.

4- ابو علي طبرسي "مصنف تفسير مجمع البيان".

پيش ڪري اهل سنت کي ڀلائيندا آهن. جيئن شيعن جي مجتهد علي حائري لاهوري به پنهنجي ڪتاب "موعظ تحريف" ۾ اها چالبازي ڪيڏي آهي، مگر خدا جي فضل سان انهي ڪتاب جي ترديد ڪتاب "تنبيه الحائرين" پوري دستور سان ڪئي آهي. انهي ڪتاب ۾ ساري دنيا جي شيعن کي چيلينج ڏنو ويو آهي ته پنهنجي مذهب جي روسان شيعه پنهنجو ايمان قرآن شريف تي ثابت ڪن، مگر ساري هندوستان جا شيعه اڄ سوڌا خاموش آهن.

في الواقع انهي ڪتاب شيعہ مذهب جو بيخ ۽ بنياد اکيڙي ڇڏيو آهي. ”دفتر رسالہ انجمر لکنئو“ کان ملي سگهندو ٽن چئن سالن کان وٺي انهي ڪتاب شيعن جي مجتهدن ۾ زلزلو وجهي ڇڏيو آهي. مگر اڄ سوڌو ڪنهن کي جواب جي طاقت نہ ٿي آهي ٻارنهن 12 آنا فقط ڪتاب جي قيمت آهي.

اسان کي پورو يقين آهي تہ شيعن جا اهي چار علماء

(شريف مرتضيٰ - شيخ صدوق - ابو جعفر طوسي -ابو علي طبرسي) نهايت عقلمندي کان ڪمر وٺي ماڻهن کي فريب ڏيڻ لاءِ پنهنجي مذهب جي برخلاف پنهنجو رايو ڏيکاري ويا آهن ڇو تہ انهن ڳالهہ کي سمجهي ورتو هيو تہ جيڪڏهن اسين پنهنجي شيعہ پيشوائن وانگر قرآن پاڪ جي تحريف جو اعلان ڪنداسين تہ مسلمان شيعہ مذهب کي اسلامر کان خارج سمجهي اسان جي اندروني عقيدن جو بنياد اکيڙي ڇڏيندا، تنهن ڪري سيني شيعن مان فقط اهي چار شخص تقيہ جي نموني ۾ انهي ڳالهہ جا قائل ٿيا آهن تہ اسين قرآن شريف کي تحريف وغيره نقص کان پاڪ سمجهندا آهيون.

مگر حقيقت ۾ چڙو ڏوڪو ڏنو اٿن ورنہ سندن عقيدو بہ ساڳيو ئي شيعہ مذهب وارو آهي جنهن لاءِ ٽي زبردست دليل آهن.

اول تہ اهي چارئي علماء جيڪڏهن سچي طرح قرآن شريف کي تحريف وغيره نقص کان پاڪ سمجهندا هيا تہ پنهنجي تائيد ۾ ضرور ڪا هڪ حديث پنهنجي امامن جي پيش ڪن ها پوءِ ڪٿي ضعيف حديث ئي هجي ها. ۽ جيڪي ٻن هزارن کان زياده حديثون شيعہ مذهب جي وڏن عالمن قرآن جي تحريف بہ نسبت پنهنجي امامن کان نقل ڪيون آهن انهن جو ڪو جواب نہ ڏنو اٿن. تنهن ڪري معلوم ٿيو تہ حقيقت ۾ اهي بہ قرآن شريف جي تحريف جا معتقد آهن. رڳو ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ زبان سان چوندا آهن تہ اسان جو قرآن شريف تي پورو ايمان آهي.

ٻيو تہ جيڪڏهن شيعن جا اهي چار علماء قرآن شريف کي تحريف کان پاڪ سمجهڻ ضروري ڄاڻندا هيا تہ پوءِ ڇو نہ هن ڳالھ جو اعلان ڪيائون تہ قرآن شريف کي تحريف کان پاڪ سمجهڻ مومنن لاءِ ضروري آهي، جيڪو تحريف قرآن جو قائل ٿيندو اهو قطعي ڪافر ۽ جهنمي آهي، حالانڪ شيعن جا اهي چار عالم تحريف جي قائل کي ڪافر تہ ڇڏيو پر گمراھ بہ نہ ڄاڻندا آهن، تنهن ڪري

معلوم ٿيو ته حقيقت ۾ سندن دلي عقيدو قرآن شريف جي برخلاف آهي.

ٿيون ته هي ڳالهه آفتاب وانگر روشن آهي ته قرآن شريف کي محفوظ رکڻ ۽ جمع ڪرڻ ۾ صحابه ڪرامن خصوصاً حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني، حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنهم جو وڏو دخل آهي ۽ اهو سندن قوت ايماني ۽ اسلامي خدمت جو نتيجو آهي جو اسان کي قرآن شريف پوري حفاظت سان مليو. جيڪڏهن شيعن جا اهي چار علماء تقيہ ننا ڪن ته پوءِ چو نه سچي دل سان حضرات اصحاب ڪرامن خصوصا خلفاء ثلثہ رضوان الله عليهم اجمعين جي بي ريا اسلامي خدمتن جو اعتراف ڪندا آهن ۽ چو نه حضرات خلفاء ثلثہ کي مؤمنن جو تاجدار سمجهندا آهن؟ مطلب ته رڳو ماڻهن کي فريب ڏيڻ لاءِ شيعه چوندا آهن ته اسان جو قرآن تي ايمان آهي اهو ايئن آهي جيئن ڪو خارجي حضرت مولا علي ڪرم الله وجهه جي لاءِ چوي ته آءُ حضرت علي کي دوست رکندو آهيان مگر حقيقت ۾ خارجي جي اها چالبازي آهي.

جوڻون بالفرض ڪٿي تسليم ڪجي ته شيعن مان انهن ڇئن عالمن جو تحريف قرآن جي انڪار وارو قول تقيي جي صورت ۾ نه آهي ته پوءِ شيعه مذهب وارا انهن ٻن هزارن کان زياده حديثن کي (جو پنهنجي معصوم امامن کان روايت ڪيون اٿن) کي ڪاڏي ڪندا جنهن ۾ صاف صاف اعلان ٿيل آهي ته قرآن شرف ۾ تحريف ٿيرقار ٿيل آهي.

هاڻي ناظرين انصاف ڪن ته اڄوڪي شيعن جي زباني دعويٰ تي اعتبار ڪجي يا سندن معصوم امامن جي ٻه هزار حديثن تي اعتبار ڪجي؟

تحريف جي معتقدن جي مختصر فهرست

متين ڪتاب فصل الخطاب مطبوعه ايران ۾ شيعن جي علامه نوري طبرسي پنهنجي مذهبي پيشوائن ۽ وڏن عالمن جي فهرست ڏني آهي جيڪي تحريف قرآن جا معتقد ۽ قائل آهن انهن جا نالا هيٺ اختصار سان درج ڪجن ٿا.

(1) الثقة الجليل محمد ابن الحسن الصغار (مصنف ڪتاب البصائر).

﴿2﴾ الثقة محمد بن ابراهيم النعماني شاگرد كليني مصنف كتاب الغنيہ.

﴿3﴾ الثقة الجليل سعد ابن عبدالله القمي جنهن پنهنجي كتاب ناسخ منسوخ ۾ هڪ خلاصو باب تحريف قرآن بابت لکيو آهي جيئن تہ علامہ باقر مجلسي پنهنجي كتاب بحار جي 19 جلد ۾ ان جي تصريح كئي آهي.

﴿4﴾ السيد علي بن احمد الكوفي (مصنف كتاب بدع المحدثہ).

﴿5﴾ اجلة المفسرين وائمتهم الشيخ الجليل محمد بن مسعود العياشي (مصنف تفسير عياشي).

﴿6﴾ الشيخ فرات بن ابراهيم الكوفي.

﴿7﴾ الثقة الثقة محمد بن عباس الماهيارت 8 شيخ المتكلمين متقدم النونجتين ابوسهل اسماعيل بن علي بن اسحاق بن سهل بن نوبخت (مصنف كتب كثيرة).

﴿8﴾ اسحاق الكاتب جنهن امام مهدي كي ڏٺو آهي خدا تعاليٰ امام صاحب جي مشكل جلد آسان كري.

﴿9﴾ رئيس الطائفة جنهن جي معصوم هجڻ تي گهڻا يا بعض ماٺهون قائل آهن. يعني ابوالقاسم حسين بن روح بن ابي نوبختي جو شيعن ۽ امام مهدي جي درميان ٽيون سفير آهي.

﴿10﴾ العالم الفاضل المتكلم حاجب بن ليث بن سراج.

﴿11﴾ الشيخ الجليل الثقة الاقدم فضل بن شاذان.

﴿12﴾ الشيخ الجليل محمد بن حسن الشيباني (مصنف تفسير نهج البيان).

﴿13﴾ الشيخ الثقة احمد بن محمد بن خالد برقي (مصنف كتاب المحاسن) محقق طوسي پنهنجي فهرست ۾ ۽ نجاشي پنهنجي كتاب اسماء الرجال ۾ ان جي تصنيفات مان "كتاب التحريف" كي شمار كيو آهي.

﴿14﴾ الثقة محمد بن خالد جو مٿين شيخ جو والد آهي.

﴿15﴾ الشيخ الثقة علي بن الحسن بن فضال جنهن كان علم حديث ۾ كابه غلطي نه ٿي آهي.

﴿16﴾ محمد ابن الحسن الصيرفي.

﴿17﴾ احمد بن محمد سيار.

﴿18﴾ الشيخ حسن بن سليمان الحلي تلميذ الشهيد.

﴿19﴾ الثقة الجليل محمد بن عباس بن علي بن مروان ماهيار.

﴿20﴾ ابو طاهر عبدالواحد بن عمر القمي.

﴿21﴾ محمد بن علي بن شهر آشوب.

﴿22﴾ شيخ احمد بن ابي طالب طبرسي جنهن تحريف قرآن جي متعلق ڪيترين ئي حديثون روايت ڪيون آهن.

انهن نالن کان بعد فصل الخطاب جو مصنف علامہ نوري طبرسي لکي ٿو تہ:

” وهو مذهب جمهور المحدثين الذين عثرنا علي كلماتهم“.

يعني اهو ئي مذهب سيني محدثين جو آهي جنهن جي الفاظن تي اسان کي اطلاع مليو آهي تنهن کان پوءِ هي نالا بہ لکيا اٿس.

﴿23﴾ مولانا محمد صالح.

﴿24﴾ الفاضل سيد علي خان.

﴿25﴾ مولي محمد مهدي ترافي.

﴿26﴾ الاستاذ الاڪبر البهباني.

﴿27﴾ محقق ڪاظمي.

﴿28﴾ شيخ ابوالحسن الشريف.

﴿29﴾ شيخ علي بن محمد المقابي.

﴿30﴾ سيد جليل علي طائوس.

﴿31﴾ الشيخ الاعظم محمد بن محمد نعمان المفيد.

هي مختصر فهرست ناظرين جي اطلاع لاءِ لکي وئي آهي تان ته چالباز شيعن جي فريب بازي کان باخبر رهن جو چالباز شيعه چوندا آهن ته اسان جا شيعا علماء تحريف جا معتقد ۽ قائل نه آهن.

ڪوبه شيعو قرآن شريف جو حافظ هرگز نه ٿي سگهندو

جنهن صورت ۾ شيعن جو قرآن پاڪ تي ايمان ئي نه آهي ۽ قرآن شريف سان محبت نه اٿن تنهن ڪري شيعن جو حافظ قرآن ٿيڻ محال آهي. حاجي غلام ياسين تله گنگ واري هڪ انعامي اشتهار پنجاب ۾ مدت کان وٺي شايع ڪيو آهي مگر گارين کان سواءِ شيعن جي طرفان ڪوبه جواب نه آيو. ڪنهن شاعر چيو آهي.

رکے گا جو بغض صحابہ سے جو کوئی انسان

ہمارا دعوا ہے نہ ہو گا حافظ قرآن

مولوي ڪفايت حسين پشاوري قرآن جو حافظ نه آهي

سنڌ ۽ پنجاب جا شيعا ماڻهن جي فريب ڏيڻ لاءِ چوندا آهن ته ڏسو اسان شيعن ۾ به مولوي ڪفايت حسين قرآن جو حافظ آهي حالانڪ

مولانا محمد ڪرم الدين صاحب رئيس ڀڏير تحصيل چڪوال ضلع جهلم تحصيل "چڪوال" واري مناظري وقت هزار ماڻهن جي روبرو ان کي قرآن ياد پڙهائڻ لاءِ چيو، انهي مولوي ڪفايت حسين ۾ سندس سنگت ۾ مهينن جي مهلت گهري تنهن تي اهل سنت وارن چيو ته اسين ٻه مهينا مهلت ڏيون ٿا انهي شرط سان جو اسين اهل سنت پنجاهه حافظ حاضر ڪنداسون، اوهان شيعن کي ڇڙا پنج حافظ حاضر ڪرڻا پوندا مگر شيعن پنجن حافظن جو حاضر ڪرڻ قبول نه ڪيو پوءِ اهل سنت وارن چيو ته ڀلا هڪ حافظ حاضر ڪجو، آخر ٻه مهينا گذاري ويا مگر ڪوبه شيعو ميدان ۾ نه آيو ۽ شيعه هڪ چالبازي ڪيڏي ان وقت مولوي ڪفايت حسين جي حافظ هجڻ واري دعويٰ تي پردو رکي ويا.

ناظرين کي ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪو به شيعو مولوي ڪفايت حسين پشاوري جي لاءِ حافظ هجڻ جي دعويٰ ڪري ته اوهان بيشڪ ڪلي طرح ان کي چيلينج ڏيو ۽ پنج سيپاره برسر ميدان سنين حافظن جي روبرو هڪ وقت ۾ مولوي ڪفايت حسين ياد پڙهائي شيعن کي پنجاهه روپيا انعام بروقت ڏنو ويندو. مولوي ڪفايت حسين جي نالي سان گڏ شيعن جي رسالي اصلاح نمبر 6،

جلد 28 سن 1343ھ ۾ ٻه نالا ڇپيا ڏنا. مولوي فياض حسين ميرٺهي ۽ حافظ مير ڪاظم نگينه ضلع بجنور جا نالا حافظن ۾ پيش ڪيا آهن مگر تجربو شايد آهي ته اها سڀ ڏوڪي بازي آهي.

تحريف بہ نسبت شيعن جو اهل سنت تي اعتراض ۽ ان جو دندان شڪن جواب شيعه ڪتب مان

اڄ ڪلهه جا زمانه شناس شيعه پنهنجي عيب جي لڪائڻ جي لاءِ چوندا آهن ته اهل سنت وارا تحريف قرآن جا قائل آهن. جيئن شيعن جي مجتهد علي حائري لاهوري به اها چالبازي پنهنجي ڪتاب موعظ تحريف ۾ ڪيڏي آهي ۽ تحريف جو الزام اهل سنت تي رکيو اٿس. مگر خداوند تعالىٰ جي فضل سان مولوي عبدالشڪور صاحب مدير رساله النجم لکنئو پنهنجي ڪتاب تنبيه الحائرين ۾ علي حائري جا بلڪ شيعه مذهب جو بنياد ئي اکيڙي ڇڏيو آهي ۽ شيعن جي آئين کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو آهي. قيامت تائين ڪو شيعو انهي ڪتاب جو جواب ئي نه ڏئي سگهندو. انهي ڪتاب جا بعض مضمون هن رسالي ۾ ڏنا ويا آهن. بهرحال اسان کي ثابت ڪرڻو آهي ته شيعن جا اڳيان علماء هن ڳالهه جو اعلان ڪري ويا آهن ته اهل سنت وارا موجوده قرآن پاڪ کي ڪامل ۽ تحريف کان

پاڪ سمجھندا آھن. جيئن تہ شيعن جو امام المناظرين مولوي حامد حسين پنھنجي ڪتاب "استقصاء الافحام" جلد اول، صفحہ (9) ۾ لکي ٿو تہ:

"مصحف عثماني کہ اہل سنت آنرا قرآن کامل اعتقاد کنند، معتقد نقصان آنرا ناقص الايمان بلکہ خارج از اسلام پندارند".[2]

چا اھڙين ثابتين ھوندي بہ شيعہ صاحبان ھي سرندو وجائيندا تہ اھل سنت وارا تحريف جا قائل آھن. حالانڪ اھل سنت وارن جو شيعن کي چيلينج ڏنل آھي تہ ساري دنيا جا شيعہ گڏجي تحريف قرآن جي ھڪ روايت اھل سنت جي ڪنھن معتبر ڪتاب ۾ ڏيکارين ۽ جيڪو انعام پاڻ شيعہ صاحبان مقرر ڪندا انھن کي ڏنو ويندو، مگر ايترو شيعہ صاحبان کي ضرور خيال رکڻ گھرجي تہ تحريف قرآن ٻي شيء آھي ۽ آيتن جو منسوخ ٿيڻ ۽ اختلاف قرائت ٻي شي آھي، تحريف قرآن جي قائل ۽ معتقد کي اھل سنت وارا قطعي ڪافر ۽ جھنمي چوندا آھن. باقي آيتن جو منسوخ ٿيڻ خود قرآن شريف جي حڪم سان ثابت آھي، انھي بحث جو پورو تفصيل ڪتاب "تحفة شيعہ" جلد اول، شايع ڪرده انجمن نعمانيہ ھند لاھور

---

[2] مصحف عثماني جنھن کي اھلسنت وارا مڪمل قرآن سمجھندا آھن ۽ ان ۾ ڪمي بيشي جي عقيدي رکڻ واري کي ناقص ايمان بلڪ اسلام مان خارج سمجھندا آھن.

۾ ڏسڻ گهرجي ۽ انهي بحث جو زبردست بيان تنبيہ الحائرين ۾ ڏسڻ گهرجي جيڪو دفتر انجم لکنئو کان ملي سگهندو.



ساري دنيا جي شيعن کي چئلينج

ڪوبہ شيعو پنهنجي ڪتابن موجب قرآن تي پنهنجو ايمان ثابت نہ ڪري سگهندو.

ساري دنيا جا شيعہ پنهنجي متفق ڪوشش سان پنهنجي مذهبي ڪتابن مان ڪا هڪ حديث صحيح پنهنجي امامن سڳورن کان هن مضمون جي پيش ڪن جنهن ۾ صاف ڄاڻايل هجي تہ قرآن شريف تحريف (انساني ڦيرڦار) وغيره نقص کان پاڪ آهي. جيڪڏهن ڪا صحيح حديث پيش نہ ڪري سگهن تہ ڪا ضعيف حديث بہ پيش ڪن.

شيعہ مذهب جي ڪتابن ۾ ٻن هزارن کان زياده متواتر ۽ مستفيض صحيح حديثون هن مضمون جون لکيل آهن جو هن قرآن شريف ۾ تحريف ٿيل آهي ڇا اڄوڪي وقت جا شيعہ پنهنجي اصول حديث جي رو سان انهن حديثن جي غير معتبر هجڻ تي ڪو معقول وجہ

بيان ڪري سگهندا، بشرطيڪ انهن حديثن تي ڪو برو اثر نہ پوي خاص ڪري امامت وارن روايتن تي ڪو خراب اثر نہ پوي.

باقي جيڪڏهن ڪو شيعو بغير حديث پيش ڪرڻ جي اهو سرندو وڃائيندو تہ شيعہ مذهب وارن جو انهي قرآن شريف تي ايمان آهي تہ هرگز اعتبار نہ ڪيو ڇو تہ تقيو ڪرڻ شيعن وٽ هڪ اعليٰ ترين عبادت آهي، انهن تقيہ واري چالبازي سان اهوجهہ اهل سنت کي فريب ڏيندا آهن ورنہ شيعہ مذهب ۾ قرآن شريف تي ايمان هجڻ جو ڪوڙو ٿي نہ ٿو لڳي.

جيئن اهل سنت وجماعت جو ضروري عقيدو آهي تہ جيڪو شخص قرآن پاڪ جي تحريف جو قائل هجي اهو قطعي ڪافر ۽ دائره اسلام کان خارج آهي.

ڇا شيعن جا اهڙڪا علماء (جو سنين جي فريب ڏيڻ لاءِ چوندا آهن تہ اسان جو هن قرآن شريف تي ايمان آهي ۽ قرآن شريف کي تحريف کان پاڪ سمجهندا آهيو) اهڙي فتويٰ لکيل شايع ڪندا جنهن ۾ صاف ڄاڻايل هجي تہ قرآن جي تحريف جو قائل قطعي ڪافر آهي ۽ جيڪي شيعن جا پيشوا پنهنجي ڪتابن ۾ تحريف قرآن جا قائل ٿيا

آهن انهن کي ڪافر نہ سهي ڪم از ڪم گمراهہ ۽ بي دين تہ لکن ۽ انهي فتويٰ تي پنهنجي مجتهدن جون تصديقون شايع ڪن.



حضرت عثمان تي قرآن پاڪ ساڙڻ جي تهمت

اگرچہ شيعن کي انهي اعتراض جا دندان شڪن جواب بار بار ڏنا ويا آهن مگر انصاف آهي شيعن جي حيا جو، جو جاهلن کي فريب ڏيڻ لاءِ اهو اعتراض زبان تي آڻيندا آهن جيئن شيعن جو مجتهد علي حائري لاهوري پنهنجي ڪتاب ”موعظ حسنہ“ ۾ بہ انهي اعتراض تي ڏاڍو زور ڏنو آهي ۽ ڪن ڪتابن جون عبارتون بہ نقل ڪيون اٿس، جن مان هڪ عبارت ”تحفة نذريہ“ جي بہ نقل ڪئي اٿس. جا بعينہ هي آهي.

”وآن مصاحف محرفہ را کہ مردم بضم تفاسیر آنرا محرف ساختہ بودند وھما مصاحف مایہ اختلاف وجدال مسلمانان بود از مردم گرفتہ وبہ تفحص بسیاری از آن ہانزد مردم نگذاشتہ وہمہ رابہ سوخت“.

انهي عبارت کي ڏسي بي اختيار شيعن جي مجتهد مولوي علي حائري جي عقل تي ڪِل ٿي اچي ۽ ان جي حال تي مصرع ياد اچي ٿو تہ: چہ دلاور است دزدی کہ بکف چراغ دارد.

انهي عبارت ۾ آفتاب کان بہ زياده روشني هن ڳالهہ تي پوي ٿي تہ حضرت عثمان قرآن شريف کي هرگز نہ ساڙيو آهي، بلڪ اهي پرچہ ساڙيائين جن ۾ ماڻهن پنهنجي طرفان تفسيري ٽوٽڪا ان ۾

ڳنڍي انهن کي مخلوط ۽ محرف بڻائي ڇڏيو هو ۽ مسلمانن ۾ انهن پرچن جو هجڻ وڏو باعث اختلاف ۽ جنگ جو هو ڇو ته ماڻهن پنهنجي طرفان تفسيري الفاظ ۽ منسوخ التلاوت آيتون اهڙي طرح انهن ۾ درج ڪري ڇڏيون هيون جو ايندڙ نسلن ۾ ڪنهن کي به پتو نه پوي ها ته قرآن شريف جا الفاظ ڪهڙا آهن تفسيري الفاظ ڪهڙا آهن. صحابه ڪرامن جو فرض هيو ته اسلام جي بنيادي امورن جو تصفيو پنهنجي وقت ۾ ڪرڻ گهربو هين تنهن ڪري سيني اصحابن جي متفق فيصلي موجب اهڙن مخلوط پرچن کي معدوم ڪيو ويو ۽ انهن لاءِ بهتر صورت اها ئي هئي ته اهي سڀ مخلوط پرچا ساڙيا وڃن جنهن لاءِ حضرت علي رضي الله عنه کان روايت "سنن ابي داؤد" ۾ آهي ته حضرت عثمان جي حق ۾ چنگائي کان سواءِ ٻيو ڪو لفظ نه چوڻ گهرجي، ڇو جو مصحفن جي باري ۾ جو ڪجهه ڪيائون سو سڀ اسان جي ئي مشوري ۽ صلاح سان ڪيو ويو.

"لاتقولوا في عثمان الاخير فانه ما فعل في المصاحف الا عن ملاء منا".

۽ غور ڪرڻ گهرجي ته اهڙي مخلوط شي کي قرآن يا خدا جو ڪلام ڪيئن چئي سگهبو؟

شيعن کي چئلينج

جيڪڏهن علي حائري يا ڪو ٻيو شيعو هي ڳالهه ثابت ڪري ڏي ته جن پرچن کي حضرت سهڻي عثمان رضي الله عنه ساڙايو هئو انهن ۾ خالص قرآن پاڪ هيو ته شيعه جيڪو انعام پنهنجي وات سان گهرندا سو ڏبن.

اهل سنت جي دندان شڪن جوابن کي ڏسي شيعن جي علامه ابن ميسم بحراني کي شرح نهج البلاغة ۾ حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي انهي طعن بنسبت لکڻو پيو ته حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي طرفدارن انهن اعتراضن جا نهايت عمده جواب ڏنا آهن، جيڪي وڏن ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهن:"وقد اجاب الناصرون لعثمان عن هذه الاحداث باجوبة مستحسنة وهي مذكوره في المطولات".

واقعي حضرت عثمان غني رضي الله عنه جو مسلمانن تي هي وڏو احسان آهي جو انهن مخلوط پرچن کي معدوم ڪيو نه ته اڄ قرآن شريف جي اهڙي حالت هجي ها جهڙي توريت ۽ انجيل جي ٿي وئي آهي، مگر جن ماڻهن (شيعن) کي قرآن شريف سان ڪو تعلق نه آهي انهن کي اهڙي احسان جي ڇا قدر داني هوندي.

شيعن کي پنهنجي گهرن جي به خبر نه آهي

حضرت عثمان ذوالنورين رضي الله عنه وارو جمع ڪيل قرآن اڄ به دنياءِ اسلام جي هٿ ۾ هڪ زبردست اسلامي معجزو موجود آهي، جنهن کي اڄوڪا شيعا تقيي سان پيش ڪري اسلام ۽ مسلمانن ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، مگر شيعه صاحبان ذرا شرم کان ڪم وٺي پنهنجي ڪتابن جون اهي عبارتون ڏسن جن سان ثابت ڪري آيا آهيون ته حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه قرآن شريف کي دنيا مان اهڙو ته معدوم ڪري ڇڏيو آهي جو اڄ ان جو هڪ ورق ملڻ ئي محال آهي. هاڻي بقول شيعه جيڪڏهن حضرت عثمان غني رضي الله عنه تي مخلوط پرچن ساڙڻ جو اعتراض آهي ته شيعه مذهب موجب حضرت علي تي ان کان به وڌيڪ جرم ثابت آهي جو قرآن کي دنيا جي تختي تان ئي معدوم ڪري ويو.

لا مذھبوں میں شرم کا کچھ بھی اثر نہیں
یہی اعتراض اوروں پہ اپنی خبر نہیں

فقير صاحبداد مدير الهمايون



باب ٽيون

شيعن جا مايہ ناز عقيدا

جنهن صورت ۾ اڄ ڪلهه رفض جو فتنو سنڌ ۾ بہ ترقي ڪري رهيو آهي ۽ سنڌي شيعہ اهل السنة جي دلين کي صدما پهچائڻ جي لاءِ تاجداران اسلام اصحاب رسول ۽ ازواج رسول تي ناپاڪ حملہ ڪرڻ ۾ پنهنجو فخر سمجهندا آهن ۽ اهڙن مسئلن جي ڇيڙڻ جو موقعو نہ ڇڏيندا آهن جن مسئلن جي ڪلڻ جي ڪري شيعہ مذهب جا فاسد عقيدا طشت ازبام ٿين ۽ سندن مذهب جو اندروني پول ڪلي شيعہ بار بار هن ڳالهہ تي زور ڏيندا آهن تہ اهل سنت وارا حضرات خلفا ثلثہ رضي الله عنهم جو ايمان ثابت ڪن ۽ اهل سنت وارا اهڙي بيهوده اعتراض کي ڀڏي جوش ۾ ايندا آهن ۽ انهي مسئلي تي بحث ڪرڻ منظور ڪندا آهن اگرچہ حضرات خلفا ثلثہ رضي الله عنهم جو ايمان آفتاب کان زياده روشن آهي ۽ سارو قرآن شريف صحابہ ڪرامن جي ايمان دار هجڻ جو شاهد عادل آهي.

مگر ڏسڻو هن ڳالهہ کي آهي تہ رافضن کي انهي مسئلي تي بحث ڪرڻ جو حق آهي يا نہ؟

دنيا ۾ ڪو بہ انصاف پسند جنهن کي شيعہ مذهب جي واقفيت هوندي اهو هرگز ائين نہ چوندو تہ شيعن کي انهي مسئلي "ثبوت ايمان حضرات خلفا ثلثہ رضي الله عنهم تي بحث ڪرڻ جو حق آهي" ڇو جو پنجويهن سالن کان وٺي هندستان ۾ اهل سنت جي طرفان هيٺيان مسئلہ شايع ٿي رهيا آهن ڪنهن بہ شيعن جي مجتهد کي اها همٿ نہ ٿي آهي جو انهن مسئلن جا جواب ڏئي، اُهي هي آهن.

شيعن جو ايمان قرآن پاڪ تي نہ آهي ۽ نہ ٿي سگهندو ۽ ڪو بہ شيعو قيامت تائين پنهنجي مذهب موجب قرآن شريف تي ايمان ثابت نہ ڪري سگهندو هاڻي جيڪو شخص پاڻ بي ايمان ۽ اسلام کان خارج ان کي ڪهڙو حق آهي جو قرآن پاڪ جي محفوظ ۽ جمع ڪندڙن مؤمنن جي تاجدارن اسلامي پيشوائن حضرات خلفاءِ ثلثہ جي ايمان بہ نسبت گفتگو ڪري منڪر؟ قرآن بي ايمان کي ڪو حق نہ آهي جو ايماندار جي ايمان بہ نسبت گفتگو ڪري انهي باري ڏسو مفصل بيان ڪتاب "سيف الرحمٰن علي اعداء القرآن" جو باب پيو.

شيعہ مذهب جو ضروري عقيده آهي تہ بعضي بعضي وقت خداوند تعاليٰ تي جهل طاري ٿي ويندو آهي انهي عقيده کي شيعہ "بداء" چوندا آهن عنقريب انهي مسئلي جا حوالہ ڏنا ويندا.

شيعہ مذهب موجب هرگز معلوم ٿي نٿو سگهي تہ آنحضرت پاڪ ﷺ ڪهڙي دين جي تعليم ڏني؟

ڪوبہ شيعو پنهنجي مذهب موجب ثابت نٿو ڪري سگهي تہ حضرت علي رضي الله عنہ ۽ ٻين ائمہ اهلبيت جو مذهب ڇا هيو؟ ڪجهہ بہ پتو نٿو پوي (اگرچہ اسين اهل سنت حضرت علي رضي الله عنہ ۽ ٻين ائمہ اهلبيت کي پنهنجو تاجدار ۽ آقا سمجهندا آهيون) مگر شيعہ مذهب جي گڙٻڙ ۽ تقيي دوازده امامن جي مذهب تي پردو وجهي ڇڏيو آهي.

شيعہ مذهب موجب پتو نٿو پوي ۽ ڪو بہ شيعو بيان نٿو ڪري سگهي تہ آل رسول ڪهڙا بزرگ آهن ۽ اهل بيت رسول ڪهڙا هيا.

دنيا ۾ ناپاڪ ڪان ناپاڪ مذهب وارا بہ ڪوڙ کي برو ۽ پليت سمجهندا آهن مگر شيعہ مذهب ڪوڙ کي هڪ اعليٰ عبادت ۽ ضروري فرض يقين ڪندو آهي جيڪو شخص ڪوڙ نہ ڳالهائي اهو شخص بي دين ۽ بي ايمان آهي.

امام حسين جا قاتل خود شيعه ئي آهن جيئن سندن ڪتابن ۾ تسليم ڪيل آهي ۽ ٻيا به گهڻا اهڙا عقيدا شيعه مذهب جا جيڪي پنهنجي موقعي تي آئنده بيان ٿيندا. ناظرين کي هاڻي غور ۽ ويچار ڪرڻ گهرجي ته جنهن مذهب وارن جي اهڙي حالت هجي ۽ اسلامي عقيدن کان ئي خارج هجن انهن کي ڪهڙو حق آهي جو حضرات خلفا ثلثه جي ايمان متعلق بحث ڪن.

ناظرين هن ڪتاب کي پوري ڌيان سان پڙهن، شيعه مذهب جي ڪتابن جو صفحه وار حوالن سان جنسي عبارتون نقل ڪري شيعن جي اڪثر عقيدن تي روشني وڌي وئي آهي جيڪڏهن اهي عقيده شيعن جي حواله ڏنل ڪتابن ۾ نه لين ته غلط ثابت ڪندڙ کي پنجاه روپيه انعام ڏنو ويندو اهل سنت کي تسلي تي ڏجي ته بلاشڪ جرئت سان اهي حواله ڏنل عبارتون شيعن کي پيش ڪن ۽ انهن جو جواب وٺن.

شيعن جي عقيدن جي مختصر فهرست سندن ڪتابن جي صفحه وار حوالن ۽ عبارتن سميت هيٺ ڏجي ٿي.

کیا لطف جو غیر پردہ کھولے جادو وہ جو سر پر چڑھ کے بولے



شيعن جا مختصر عقيدا ۽ مسئلا

شيعہ مذهب جو بنياد

شيعت ۽ يهوديت

مسئلو ﴿1﴾

شيعہ مذهب جو بنياد "يهوديت" جي اصولن تي رکيل آهي

چالباز شيعہ نهايت چالاڪي سان هن ڳالھ جو انڪار ڪندا آهن تہ "ابن سبا" يهودي اسان جو پيشوا نہ آهي ۽ شيعہ مذهب کي يهوديت سان ڪو تعلق نہ آهي، مگر حقيقت ۾ سندن معتبر ڪتابن ۾ هن ڳالھ جي تصحيح ٿيل آهي تہ شيعن اقرار پاڻ ڪيو آهي تہ "عبدالله بن سبا" يهودي ئي پهريون شخص آهي جنهن حضرت علي رضي الله عنہ جي "امامت" جي فرض هجڻ کي مشهور ڪيو ۽ حضرت علي جي دشمنن تي تبرا ڪيائين ۽ کلم کلايو انهن کي ڪافر چيائين، انهي ڪري تہ شيعن جا مخالف چوندا آهن جو شيعہ مذهب جو بنياد "يهوديت" ڪان ورتل آهي.

ناظرين جي معلومات لاءِ شيعن جي معتبر ڪتاب "رجال ڪشي" جي صفحي 71 تان اها عبارت نقل ڪجي ٿي انهي ڪتاب تي شيعہ

مذهب جي اسماء الرجال جو دارومدار رڪيل آهي، عبارت هي آهي:
”ذكر بعض اهل العلم ان عبدالله بن سبا كان يهود يا فاسلم و والي عليا عليه السلام وكان يقول وهو علي يهوديته في يوشع بن نون وصي موسي بالغلو فقال في اسلام بعد وفات رسول الله ﷺ في علي عليه السلام مثل ذلک وكان اول من اشهر القول بفرض امامة علي واظهر البراءة من اعدائه وكاشف مخالفيه واكفرهم فمن ههنا قال من خالف الشيعته اصل التشيع ما خوذ من اليهوديته“.
انهي روايت کي مجتهد فاضل استرآبادي پنهنجي ڪتاب منهاج المقال ۾ به لکيو آهي.
اڄوڪا شيعه ڪٿي هزار دفعا انڪار ڪن مگر حقيقت ضروري ظاهر ٿيڻي آهي.

”نهاں کی ماند آں راز کزو سازند محفلہا“

شيعن جو مذهب ڇو نه پاڪ ٿيندو جنهن جو بنياد ئي هڪڙي يهودي شخص اسلامي لباس ۾ يهوديت جي اصولن تي رکيو آهي امامت علي (خلافت بلافصل) جي فرضيت جو اعلان پهريائين عبدالله بن سبا يهودي جي طرفان ٿيو آهي ۽ لعنت ۽ تبرا جي سنت به پهريان انهي يهودي قائم ڪئي آهي جا اڄ شيعه فرقي لاءِ طره امتياز ۽ باعث مباهات آهي صحابه ڪرامن کي ڪافر وغيره ناپاڪ

الفاظن سان ياد ڪرڻ واري تعليم ﺑﻪ شيعه صاحبن پنهنجي انهي پيشوا ڪان ورتي آهي شيعن جي مجتهد فاضل استرآبادي ﺑﻪ رجال ڪشي جي متين روايت ڪي پنهنجي ڪتاب "منهج المقال" ۾ ﺑﻪ ثابت ڪيو آهي ۽ تاريخ طبري جي باب اول ۾ انهي عبدالله بن سبا يهودي جو ذڪر هن طرح ٿيل آهي ﺗﻪ عبدالله بن سبا يمن جو رهاڪو هو ۽ ظاهر ۾ مسلمان ٿيو هو حقيقت ۾ اسلام جو سخت دشمن هو اندروني طرح اسلام جي تخريب لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪندو رهندو هو، سن 35 ۾ حضرت عثمان ذوالنورين جي وقت مسلمان ٿيو حضرت عثمان جي پس غائبانه شڪايت ڪندو هو ۽ مذهب رجعت جو ايجاد ڪيائين ڪنهن شاعر چيو آهي.

وہی دین خدا بنیاد رکھی جس کی احمد نے
بلندی جس کی خود عرش معلی سے ملادی ہے
مسلمان نام رکھ ابن سبانے دام پھیلایا
رواج رفض دے کر اسکی جڑ بن سی ہلادی ہے
منافق نے دیا دھو کا عجب جاہل مسلمان کو
نفاق باہمی کی آگ گھر گھر میں لگادی ہے
بنایا رفض نے آزاد آلہ اسی جاہل کو
"بداء" سی شان علم الغیب بالکل ہی مٹادی ہے

پهريون مسئلو هي آهي تہ خدا تعاليٰ کي بداء ٿئي ٿو يعني معاذ الله اهو جاهل آهي، ان کي سيني ڳالهين جو علم نہ آهي، تنهن ڪري هن جون بہ اڪثر پيشين گويون غلط نڪرن ٿيون ۽ ڪيس پنهنجي راءِ بدلائڻي پوي ٿي.

شيعن ۾ هڪ اهڙو مسئلو ضروري سمجهو وڃي ٿو جو سندن برابر ڪا بہ عبادت نہ آهي. اصول ڪافي صفحہ 84 هڪ خلاصو باب ٺي بداء جي باري ۾ لکيو ويو آهي. احاديث ذيل ملاحظ ڪيو.

1- عن زرارة بن اعين عن احدهما قال ما عبدالله بشيءٍ مثل البداء.

2- عن مالک الجهني قال عت ابا عبدالله يقول لو علم الناس ما في القول بالبداء من الاجر ما افتروا عن الكلام فيه.

3- عن مرازم بن حكيم قال عت ابا عبدالله يقول ما تنباء نبيءِ قط حتي يقر لله بخمس بالبداء والمشية والسجود والعبودية وال اعته.

ترجمہ: زراه بن اعين حضرت امام باقر يا صادق کان روايت ڪئي آهي تہ خدا جي عبادت بداء جي برابر ٻي ڪنهن شي ۾ نہ آهي.

2- مالڪ جُهني چوي ٿو تہ امام جعفر صادق فرمايو تہ جيڪڏهن ماڻهن کي معلوم هجي بداء جي اقرار ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر ثواب

آهي تہ هو جيڪر هر گز ان ڪان باز نہ رهن.

3- مرازم بن حڪيم راوي آهي تہ امام صادق عليہ السلام فرمايو تہ ڪنهن بہ نبي کي تيستائين نبوت نہ ملي جيستائين انهن کان هنن ڳالهين جو اقرار نہ ورتو ويو بداء، مشيئت، سجده، عبوديت ۽ طاعت جو.

"بداء جي معنيٰ"

انهن روايتن مان بداء جو ضروري مسئلو هجڻ ۽ اهو ثواب عظيم ۽ اعليٰ عبادت ۾ داخل هجڻ ثابت ٿئي ٿو.

باقي رهي هيءَ ڳالھ تہ بداء ڪهڙي شيءِ آهي سو ان لاءِ پهريان اسان کي لغت جا ڪتاب ڏسڻ گهرجن. لغت جي ڪتابن ۾ آهي تہ "بداء مالم يظهر" (فلانہ شخص کي بداء ٿيو يعني اها ڳالھ معلوم ٿيس جا پهريان معلوم نہ هيس) انهيءَ معني سان اهو لفظ قرآن شريف ۾ استعمال ڪيل آهي.

بداء جا مثال

شيعن جي ڪتابن ۾ "بداء" جا واقعات گهڻا ذڪر ٿيل آهن. هتي فقط ٻن واقعن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

امام جعفر صادق چيو تہ مون کان پوءِ الله تعاليٰ منهنجي فرزند

اسماعيل کي خلافت واسطي نامزد ڪيو آهي مگر پوءِ فرمايائون ته خدا تعاليٰ بجاء اسماعيل جي موسيٰ ڪاظم کي امام ڪيو آهي. جيئن جو علامه مجلسي بحار الانوار ۾ روايت ڪئي آهي : عن جعفر الصادق انه جعل ا ماعيل القائم مقامه بعده فظهر من ا ماعيل مالم يرتض فجعل قائم مقامه موسيٰ فسئل عن ذالک فقال بدا لله في ا ماعيل مابداله في شي کما بداله في ا ماعيل ابني.

ترجمه: امام جعفر صادق کان روايت آهي ته مون اسماعيل کي پاڻ کان پوءِ پنهنجو قائم مقام بنايو مگر اسماعيل کان ڪا ناپسنديده حرڪت سرزد ٿي تنهن ڪري وري موسيٰ ڪاظم کي پنهنجو جاءِ نشين مقرر ڪيائون، جڏهن ان جو سبب پڇو ويو تڏهن امام صاحب فرمايو ته خدا تعاليٰ کي اسماعيل بابت بداء ٿيو ۽ خدا کي ڪڏهن پهريان اهڙو بداء نه ٿيو جهڙو منهنجي پٽ اسماعيل جي باري ۾ ٿيو اٿس.

امام علي نقي خبر ڏني آهي ته مون کان پوءِ منهنجو پٽ محمد امام ٿيندو، مگر شايد خدا کي علم نه هو ته پيءُ جي جيئري ئي فوت ٿي ويندو. جڏهن هو فوت ٿي ويو ته معاذ الله خدا کي پنهنجي راءِ بدلائڻي پئي، وري حسن عسڪري امام ٿيو. هي واقعو اصول

ڪافي صفحه 304 ۾ ذڪر ٿيل آهي، جنسي عبارت هي آهي: عن ابي الهاشم الجعفري قال كنت عند ابي الحسن عليه السلام بعد ما مضي ابنه ابوجعفر واني لا فكر نفسي اريدان اقول كانهما اعني ابا جعفر و ابا محمد فى هذا الوقت كابى الحسن موسىٰ و ا اعيل و ان قصه كقصتهما اذ كان ابو محمد المرجا بعد ابى جعفر فاقبل علي ابوالحسن عليه السلام قبل ان از ق فقال نعم يا ابا هاشم بدَ الله في ابي محمد بعد ابي جعفر مالم تكن تعرف له كما بدا له في موسيٰ بعد مضيٰ ا اعيل ماكشف به عن حاله وهو كما حد ثتک نفسک وان كره المب لمون و ابو محمد بني الخلف من بعدي عنده علم ما يحتاج اليه ومعه آلة الامامه.

ترجمو: ابو الهاشم جعفري کان روايت آهي چوي ٿو تہ مان ابوالحسن (امام تقي) وٽ ويٺو هوس جنهن وقت جو هنجو فرزند ابوجعفر (محمد) فوت ٿي ويو ۽ مان پنهنجي دل ۾ خيال ڪري رهيو هوس ۽ هيئن چوڻ پي گهريو تہ هن وقت محمد ۽ حسن عسڪري جو معاملو امام موسيٰ ڪاظم ۽ امام اسماعيل جهڙو آهي. اوچتو امام تقي مون ڏانهن متوجہ ٿيو ۽ آءُ ڪجهہ چوان تنهن کان اڳيئي فرمايائون تہ اي ابو هاشم خدا تعاليٰ ڪي ابو محمد يعني حسن عسڪري جي باري ۾ امام محمد کان پوءِ بداء ٿيو ۽ جا

ڳالھ معلوم نہ هيس سا کيس معلوم ٿي ويئي جھڙي طرح خدا کي موسيٰ ڪاظم جي باري ۾ اسماعيل کان پوءِ بداءِ ٿيو ھو جنھن کان پوءِ اصل حقيقت ظاھر ٿي پئي ۽ ھي ڳالھ بہ اھڙي ئي آھي جھڙي تو پنھنجي دل ۾ خيال ڪئي ھئي، اگرچہ بدڪار ماڻھون ھن کي ناپسند ڪندا. ابو محمد (حسن عسڪري) مون کان پوءِ منھنجو خليفو آھي ۽ کيس تمام ضروري ڳالھين جو علم آھي، ۽ وٽس آلۃ امامت بہ آھي.

شيعن جو اقرار

ھي ڳالھ خود شيعن جي عالمن قبول ڪئي آھي تہ "بداء" جي مڃڻ سان خدا جو جاھل ھجڻ لازم اچي ٿو.

جھڙي طرح مولوي دلدار علي مجتھد اعظم شيعہ پنھنجي ڪتاب اساس الاصول صفحہ 129 ۾ لکيو آھي تہ "اعلم ان البداء لاينبغي ان يقول به احد لانه يلزم ان يتصف الباري تعالیٰ بالجهل كما لا يخفي".

ترجمہ: ڄاڻڻ گھرجي تہ "بداء" جي عقيدي جو ڪنھن کي قائل ٿيڻ نہ گھرجي ڇوجو ان مان صاف طرح خداوند تعاليٰ جو جاھل ھجڻ لازم اچي ٿو.

ان سان گڏ انھي ڪتاب "اساس الاصول" مطبوعہ لکنو ۾ مولوي

دلدار علي هن ڳالهہ جو بہ اقرار ڪيو آهي تہ هڪ محقق طوسي کان سواءِ سيني شيعن جو متفق عقيدو آهي تہ خدا تعاليٰ کي "بداء" ٿيندو آهي.

جڏهن شيعن جي مجتهد مولوي دلدار علي کي اهل سنت جي عالمن انهي عقيده بنسبت سخت شرمندو ڪيو تڏهن چوڻ لڳو تہ انهي عقيدي جو قائل ٿيڻ نہ گهرجي. مگر سوال هي آهي تہ جيڪي شيعہ انهي عقيدي "بداء" جا قائل آهن ۽ خداوند تعاليٰ کي جاهل سمجهن ٿا انهن کي مولوي دلدار علي اسلام جي دائره کان خارج ڇو نٿو چوي؟.

اڄ بہ شيعن جا مجتهد هڪ متفق فتويٰ ڪڍن تہ شيعن جي ڪافي ڪليني وغيره جهڙي معتبر ڪتابن ۾ هي جو شيعن جي امامن ۽ پيشوائن ڏي بداء جهڙي ڪفريہ عقيدي جي نسبت ڪئي وئي آهي اسين انکان بيزار آهيون ۽ بداء جي عقيدي وارن کي اسلام کان خارج سمجهون ٿا.

علماء شيعہ جو قابل ديد تماشو هي آهي تہ جڏهن سنن عالمن جي گرفت ۾ ايندا آهن تہ پريشاني جي حالت ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪري ويندا آهن جو "بدا" جي عقيدي کان بہ زياده قابل گرفت آهن جيئن تہ شيعن جي مجتهد مولوي حامد حسين پنهنجي ڪتاب "استقصاء

الافحام" جلد اول صفحه 30 ۾ پنهنجي علامه باقر مجلسي کان انهي "بداء" واري عقيدي جي هڪ تاويل نقل ڪري ڏاڍو خوش ٿيو آهي جنهن ۾ لکي ٿو ته هڪ تاويل هي به آهي ته جو اهڙيون پيشن گويون جنهن ۾ خدا تعاليٰ کي بدا ٿيو آهي اهي خاص مومنن جي تسلي لاءِ هيون ڇو ته جيڪڏهن منڍ کان وٺي ائمه عليهم السلام پنهنجي شيعن کي اهڙيون ڳالهيون ڏسن ها جو مخالفن جو غلبو رهندو ۽ هڪ به هزار سال شيعن کي تڪليفن ۽ مايوسي ۾ گذارڻو پوندو ته شيعه بروقت دين کان ڦري وڃن ها تنهن ڪري شيعن پنهنجن کي اهڙن پيشن گوين سان خوش ڪندا آيا ته جلد فرحت ٿيندي.

افسوس جو شيعن جي مجتهدن انهي باطل تاويل ۾ امامن سڳورن تي ڪيڏو نه ناپاڪ حملو ڪيو آهي ڇا اهڙيون ڪوڙيون پيشن گويون گهڙي ماڻهن کي فريب ڏيڻ امامن لاءِ هڪ سخت توهين ۽ ناپاڪ حملو نه آهي؟ ڇا هي شيعه مذهب جي صداقت آهي جو ماڻهن کي فريب سان خوش ڪري ڦاسايو وڃي؟ بهرحال استقصاء الافحام جلد اول صفحه 30 جي جنسي عبارت پيش ڪرڻ ضروري آهي جيئن چالباز شيعن کي انڪار جي جرئت نه رهي.

"ومنها ان يكون هذه الاخبار تسلية لقوم من المومنين المنتظرين لفرج اولياء الله وغلبة اهل الحق واهله كما روي في فرج اهل البيت عليهم السلام

وغلبتهم لانهم عليهم السلام لو كانوا اخبروا الشيعة في اول ابتلائهم با ء
المخالفين وشدة محنتهم انه ليس فرجهم الا بعد الف سنة والفي سنة
ليئسوا ورجعوا عن الدين ولكنهم اخبروا شيعتهم بتعجيل الفرج".

نی فروعت محکم آمدنی اصول
شرم بادت از خدا واز رسول

اها تاويل نہ رڳو ڪتاب استقصاء الافحام واري علامہ باقر مجلسي کان روايت ڪئي آهي بلڪ خود شيعن جي سڀ کان وڏي محدث ڪليني پنهنجي مشهور ڪتاب اصول ڪافي مطبوعہ نولڪشور لکنئو صفحہ 233 ۾ صاف صاف لکيو آهي تہ اسان شيعن کي اهڙن پيشن گوين جي ذريعہ انهي ڪري دلاسو ڏنو ويندو آهي تہ جيئن اسان شيعن جي دلين ۾ نا اميدي پيدا نٿي. جيڪڏهن اسان شيعن جا امام، ٻن سون يا ٽن سون سالن جي لاءِ پيشين گوين جي پوري ٿيڻ جو دلاسو ڏين ها تہ دليون سخت ٿي وڃن ها تنهن ڪري اسان جي دلين ونڻ لاءِ ٿوري مدت ۾ پيشن گوين ٿيڻ جا واعده ڪيائون.

اصول ڪافي جا جنسي الفاظ هي آهن: ''وان امرنا لم يحضر فعللنا بالاماني فلو قيل لنا ان هذا الامر لا يكون الا الي مائتي سنة او ثلث مائة سنة لقست القلوب ولرجع عامة الناس عن الاسلام ولكن قالوا ما اسرعه وما اقربه فالفا القلوب الناس''.

مطلب تہ شيعہ مذهب جي وڌائڻ لاءِ قسمين قسمين فريب ڏئي ماڻهن جي ڦاسائڻ لاءِ تجويزون ڪيڏيون ويون آهن مگر حقيقت هي آهي تہ شيعہ دوستي جي آڙ ۾ آل سول دوازده امامن رضي الله عنهم تي ناپاڪ حملہ ڪري انهن جي اسلامي عقيدن کي مشتبہ ڪرڻ گهرن ٿا۔ در پرده اسلام جي بيخ ڪني لاءِ سموري ڪوشش تي رهي آهي.

جڏهن شيعہ صاحبان خود خداوند تعاليٰ جي جاهل هجڻ جا معتقد آهن تہ اصحابن ڪرامن ۽ ازواج اهل بيت نبي کي گاريون ڏيڻ شيعہ صاحبان پنهنجي لاءِ عبادت ۽ فخر نہ سمجهن تہ ٻيو ڇا ڪن؟

دشنام بہ مذہبی کہ طاعت باشد
مذہب معلوم واہل مذہب معلوم

مسئلو ﴿2﴾

تقيو

شيعن جو مکيہ عقيدو تقيو بہ آهي جنهن جي شيعن جي ڪتابن ۾ گهڻي تعريف ڪئي وئي آهي ۽ اعلي عبادت ۾ شمار ڪيو ويو آهي. اصول ڪافي صفحہ 484 ۾ آهي: وقال ابو جعفر عليه السلام التقية من ديني ودين آبائي ولا ايمان من لا تقية له (امام محمد باقر

فرمايو تہ تقيو منهنجي ۽ منهنجي پيءُ ڏاڏي جو دين آهي ۽ جيڪو تقيو نٿو ڪري اهو بي ايمان آهي) پڻ اصول ڪافي ص 82 ۾ آهي:

قال ابو عبدالله عليه السلام يا اباعمران تسعة اعشار الدين في التقية ولا دين لمن لا تقية له.

ترجمو: امام صادق عليہ السلام فرمايو تہ اي ابو عمر نو حصا دين جا تقيي ۾ آهن جو شخص تقيو نہ ٿو ڪري اهو بي دين آهي.

هاڻي اسان کي اهو ڏسڻو آهي تہ ايڏي وڏي عبادت جنهن تي شيعن جو دين ايمان آهي سو تقيو شيءِ ڪهڙي آهي؟ سو واضح هجي تہ تقيو چوندا آهن حق جي برخلاف ڳالهہ ڪرڻ يعني نفاق ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ کي جيئن جو هيٺين روايت مان ظاهر آهي

اصول ڪافي ص 483 ۾ آهي:

عن ابي بصير قال قال ابو عبدالله عليه السلام التقية من دين الله قلت ومن دين الله قال اي والله من دين الله ولقد قال يوسف ايتها العير انكم لسارقون والله ماكانوا سرقوا شيئا و لقد قال ابراهيم اني سقيم والله مان كان سقيما.

ترجمو: ابو بصير کان روايت آهي تہ امام صادق عليہ السلام فرمايو تہ تقيو خدا جي دين مان آهي، راوي چيو ڇا خدا جي دين

مان آهي؟ امام فرمايو هائو خدا جي دين مان آهي. حضرت يوسف چيو ته اي قافلي وارو توهان چور آهيو. بخدا انهن کا به چوري ڪانه ڪئي هئي. حضرت ابراهيم چيو ته مان بيمار آهيان ، بخدا هو بيمار نه هو.

هي غلط آهي ته حضرت يوسف عليه السلام کو ائين چيو هو. قرآن شريف ۾ آهي "ثم اذن موذن ايتها العيرانكم لسارقون".(ترجمو) ڪنهن پڪاريندڙ هي پڪار ڪئي ته اي قافلي وارو توهان چور آهيو. شيعن جي قرآن داني تي افسوس آهي جو غلط ڳالهه ڪئي حضرت يوسف عليه السلام ڏانهن منسوب ڪئي اٿن. اهڙي طرح سان حضرت ابراهيم عليه السلام جو هيئن چوڻ ته مان بيمار آهيان هرگز ڪوڙ نه هو ڇاڪاڻ ته جڏهن هڪ صادق الايمان شخص ڪفارن جي نرغي ۾ ڦاسي وڃي ٿو تڏهن ان جي دل سخت رنجور ٿئي ٿي. صحبت نا جنس کان وڏيڪ ڪا بيماري ڪانهي تڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام جو هيئن چوڻ ته مان بيمار آهيان هڪ واقعي ڳالهه هئي ۽ ڪوڙ بلڪل نه هو.

مگر شيعن جي مٿين روايت مان ظاهر آهي ته تقيو چون ٿا ڪوڙ ڳالهائڻ کي. جهڙي طرح معاذ الله بقول شيعه حضرت يوسف ڪوڙ

ڳالهايو ڇوتہ قافلي وارن کا چوري کانہ کئي هئي، مگر انهن کي چور سڏيو ويو ۽ حضرت ابراهيم تندرست هو مگر ڪوڙ ڪري بيمار بڻجي ويو.

2- حيات القلوب جلد پهريون صفحه 430 ۾ آهي. وهرچند حديث معتبر ديگر فرمود که تقيه هيچکس به تقيه اصحاب کهف نميرسد بدرستيکه ايشان زنارمی بستند و بعيد گاه مشرکان حاضر ميشدند پس خدا ثواب ايشان رامضاعف گردانيد.

ترجمو: ٻين معتبر حديثن ۾ آهي تہ ڪنهن بہ شخص جو تقيو اصحاب ڪهف جي تقيي جي برابر ٿي نٿو سگهي ڇاڪاڻ تہ هو جڻيو [3] پائيندا هوا ۽ ڪفارن جي عيدن ۾ شريڪ ٿيندا هوا ۽ خدا سندن ثواب دوبالا (ٻيڻو) ڪري ڇڏيو آهي.

هن روايت مان صاف ظاهر آهي تہ تقيہ ڪوڙ ڳالهائڻ کي چون ٿا. وڏا تقيہ باز اصحاب ڪهف هئا، هو ايتري قدر ڪوڙ ڳالهائيندا هئا جو مسلمان ٿي ڪري جڻيا پائيندا هئا ۽ مشرڪ بڻجي ڪافرن جي عيدن ۾ شامل ٿيندا هئا ۽ هنجو وڏو ثواب حاصل ٿئي ٿو. الله الله! شيعا پاڻ تہ ڪوڙ ڳالهائين ٿا ۽ تقيي جو ثواب لٽين ٿا مگر پاڻ سان گڏ الله جي برگزيده بندن اوليائن ۽ امامن کي تقيہ باز چئي مفت ۾

---

[3]: اهو ڌاڳو جو هندو هڪ ڌرمي رسم موجب ڳچي ۾ وجهندا آهن.

بدنام ڪري رهيا آهن. ”رسالہ موعظ تقيہ“ جنهن ۾ علامہ حائري جا قول لکيا ويا آهن. تنهن جي هڪ مضمون بعنوان ”جناب امير عليہ السلام جو تقيو“ درج آهي جنهن ۾ لکيل آهي تہ امير المومنين حضرت علي عليہ السلام خلفاء ثلثہ جي زمانہ ۾ تقيو ڪيو ۽ ضرور ڪيو. ڇاڪاڻ تہ جهڙي طرح آغاز اسلام ۾ رسول اللہ ﷺ 39 انصار ۽ اعوان هوندي بہ تقيو ڪيو. اهڙي طرح جناب امير عليہ السلام بہ انصار ۽ اعوان جي قلت سببان خلفاء ثلثہ سان تقيو ڪيو پوءِ جيڪڏهن پيغمبر ﷺ جو تقيي ڪرڻ ڪري سندن شجاعت ۽ قوت تي ڪو بہ حرف اچي نہ ٿو سگهي تہ نفس رسول (علي) تي جو ڪنهن بہ وصف ۾ پيغمبر ﷺ ڪان زيادہ نہ هو ڪو بہ اعتراض پيدا ٿي نٿو سگهي. تنهن ڪان سواءِ جناب امير عليہ السلام بہ محض حفاظت اسلام جي لاءِ تقيو ڪيو. جيڪڏهن هو تقيو نہ ڪري ها تہ باهمي مسلمانن جي ڪشمڪش ڪري اسلام هڪ عظيم خطري ۾ پئجي وڃي ها. تنهن ڪري معتبر حديثن جي آذار تي چئي سگهجي ٿو تہ حضرت علي عليہ السلام اصحاب ثلثہ جي بيعت هرگز ڪانہ ڪئي ۽ اهو سمورو زمانو تقيي ۾ گذاريائون. البتہ جيڪڏهن ڪيس بيعت واسطي مجبور ڪيو وڃي

ها ته ضرور بيعت جي مقابلي ۾ ذوالفقار کڻڻ کي ترجيح ڏي ها ۽ تقيو ڇڏي ها مگر نه هو بيعت واسطي مجبور ڪيو ويو نه هن تقيو ڪيو.

شيعن جو فلسفو ته سمجهڻ کان ٻاهر آهي، رسول خدا ۽ تقيو؟ خدا جي واسطي غور ڪريو. رسول پاڪ صلى الله عليه وسلم هر چند جو ڪافرن کان ايذآء سٺا ۽ تڪليفون برداشت ڪيون مگر اظهار حق ۽ اعلاء ڪلم توحيد کان هڪ قدم پوئتي نه هٽيا. اهو ئي سبب هو جو تمام جلد اسلام جي اشاعت بلاد ڪفار ۾ ٿي وئي ۽ ڪفر ۽ ظلمت جي تاريڪي دور ٿي وئي جيڪڏهن رسول خدا تقيو ڪري ها ته اسلام ڪيئن ڦيلجي ها؟

اعوان ۽ انصار جو عذر به فضول آهي جن سان نصرت الهي شامل حال رهي ٿي سي قلت ۽ ڪثرت اعوان جي پرواه رکندا ئي نه آهن، ساري خدائي هڪ طرف فضل الهي هڪ طرف، حضرت علي جي زماني ۾ ته مسلمان ڪوٺائڻ وارا لکن جي انداز ۾ هئا. رسول پاڪ وٽ ڪهڙي فوج هئي جڏهن ابتدا ۾ ڪفارن جي سامهون توحيد الهي جو اعلان بيهي ڪيائون؟ ۽ وري امير عليه السلام جهڙو بهادر جيئن جو نهج البلاغة ۾ لکيل آهي ته ساري جهان جي مقابلي جي

طاقت رکندا هئا ۽ موت بہ سندن اختيار ۾ هو. پوءِ ان حالت ۾ کين تقيو ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟
حضرت علي جا اختيارات شيعن وٽ ايترا آهن جو آسمان زمين. جن ۽ فرشتا بلڪ سيني شين جو اختيار اٽن ۽ سڀ فرمان هيٺ آهن.

مسئلو ﴿3﴾

تقيہ جي ايجاد

